چکيو انهن کي ڇا ڪرڻجي؟ منمک. اهي ڪِيا آيا ۽ ڪيا لي هليا
ويندا. انهن جي اندر اهيا دولت لڪل هئي ۽ لڪل ئي
رهجي رهئي.

ڌاوت ڌاء ڌاوهہ پريت مائيا،
لکم کوسن ڪو بت ديجيئي.

فرمائين ٿا ته جيڪي مايا سان پيار ڪن ٿا ۽ جيڪي رام کي پيار
ڪن ٿا، تن جي وچ لکن ڪوهن جو فرق آهي. هڪن جو
طرف هڪڙو آهي، ٻين جو طرف ٻيو آهي.

هر هر هر هر جن اُتم،
ڪيا اُپما تن ڪي ڪيجيئي.

سري گرو رامداس جن فرمائين ٿا ته هن دنيا ۾ ٻه شيون اهم
آهن. هڪ رام ۽ ٻيو رام جا پيارا. جي لکمن سان ماي رهن ته
جيڪر اسين رام جي پيارن کي هڪڙو لقب ڏيون؟ ڀلا هڪڙو

خطاب ڏيون؟ ڪهڙي نالي سان ڪين ياد ڪريون؟ اهو اڳتي
هلي ٿا ٻڌائين.

رام نام تُل آور نہ اُپما،
جن نانڪ ڪرپا ڪريجئي.

گرو رامداس جن چون ٿا تہ رام جي پيارن کي اسين ڇو نہ
رام ئي ڪوٺيون؟ ڇاڪاڻ تہ جڏهن قطرو سمنڊ ۾ ملي ويو تہ سمنڊ
ٿي ويو. اسين پوءِ انهيءَ کي سمنڊ ڪوٺيون ٿا. ساڳيءَ طرح رام
جا پيارا، جيڪي رام ۾ ملي ويا آهن، انهن کي رام ئي چوڻ
گهرجي.

ستسنگ جا وچن - (۵)

راڳ مانجهه - محلا ۳

اس غفا مهه اکهٽ ڀنڊارا،
تس وچ وسئي هر الکهه اپارا.

سري گرو امرداس صاحب، ٽين پاتشاهي فرمائين ٿا ته هي
جيڪو اسانجو وجود يعني سرير آهي سو روح جي رهڻ جي جڳهه
آهي. انهيءَ ۾ بيشمار ڀنڊارن، سڌاين، شڪتين ۽ طاقتون آهن،
بلڪ خود مالڪ اڪال پرکه ۾ موجود آهي، جو ٻاهر نه ڪٿين
کي مليو، نه ملندو. شايد ڪو ائين چوي ته مالڪ ذري ذري ۾
موجود آهي. ائين آهي، پر انهيءَ طرح جيئن کير ۾ گيهه. کير
ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ان ۾ گيهه نٿو ڏسڻ ۾ اچي. ڪٿين کير مان
گيهه نه ڪڍيو هجي ۽ پوءِ به چوي ته هي گيهه آهي، اها ڳالهه
ڪيتري قدر درست آهي؟ گيهه ۾ پوريون تري سگهجن ٿيون
۽ کير ۾ نه. گيهه ۾ سيرو ٿي سگهي ٿو پر کير ۾ نه. گيهه ۾ اوڳ
ڳري وڃي ٿو پر کير ۾ نه. جڏهن کير مان ڏڌ ڄمائبو ۽ انکي ولوڙي
مکڻ ڪڍبو ۽ مکڻ کي وجهي گيهه ڪڍبو تڏهن ئي انکي گيهه
ڪوٺي سگهبو ۽ اهو گيهه جو ڪم ڏيندو. جهڙي طرح کير ۾ گيهه
آهي پر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، ساڳيءَ طرح مالڪ به ذري
ذري ۾ موجود آهي پر ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيئن جتن ڪرڻ سان
کير مان گيهه نڪري ٿو اهڙي طرح محنت ڪرڻ سان اندر واسو
پڌرو ڪري ٿو ۽ مالڪ ڏسي سگهجي ٿو. ٻاڻي چوي ٿي:

"نانڪ سي اکڙيان ٻيان، جني ڏسندو ما پريان."

اهي ٻيون آهن جن سان واهگرو ڏسي سگهجي ٿو.

هي اسانجون اکيون ڏنا آهن. جنهن هنڌ ٻجلي، بتي، سورج جي روشني يا چنڊ تارن جي روشني ڪانهي اُتي هي اکيون ڪجهه به نٿيون ڏسي سگهن يعني اسين ڏيکي ڪجهه. هن اکين سان ڏسون ٿا سو بتيءَ يا ٻجليءَ يا سورج يا چنڊ يا تارن جي روشنيءَ جي آڌار تي. سو جيستائين هي جوءِ نون دروازن يعني اکين کان مٿي نٿو چڙهي، تيستائين هنکي ڪک به ڪونه ملندو. (اندر جتي مڙني روشنين مان ڪابه روشني ڪانهي اُتي ڪجهه ڪونه ڏسي سگهندو) اندر آئو آهي ۽ اندر ئي هلڻو وڃڻو. گرو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا:

”مايا ڌاري ات انڌا ٻولا شبد نه سُڻئي ٻهو رول گهچولا.“

انسان مايا جي پڪڙائش ۾ ٿي قابو پيو آهي. ڪيس انهيءَ ڄاڙهه جي ڪابه ڄاڻ ڪانهي. هو اندر آهي ڇاڪاڻ ته هن اندرئون اکين نه کوليون آهن هو ٻوڙو به آهي ڇو جو سندس اندريان ڪن به بند آهن. هنجي اندر ڪڏهن نه بند ٿيڻ وارو ڪيرتن ٿي رهيو آهي. گرو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا:

”ڪل ڪيرت سبد پڇاڻ، انها پڳت ڇوڪي ايمان.“

يعني هنجي اندر اکنڊ ڪيرتن ٿي رهيو آهي، جنجي اهو ٻڌڻ نه جنم ۽ مرڻ کان ڇٽي پئين. هندو، مسلمان، ڀنگي، چمار، سڀني اندر اهو ڪيرتن ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو ڪيرتن انسان نه ٻڌي سگهيو نه ڇوڙو ٻوڙو ۽ آئيو انڌو ئي هليو ويندو. ٻاهريان ڪيرتن ٻه ڪلاڪ، چار ڪلاڪ، ڏهه ڪلاڪ ٻڌي سگهبا پر اندريون ڪيرتن اٺ ئي پهر ٿي رهيو آهي. جڏهن مرت ايندو تڏهن بند ٿيندو. ٻاڻي چوي ٿي:

”اکنڊ ڪيرتن تن ڀوجن چورا ڪهه نانڪ جن ستگرو پورا.“

هو الک آهي، اڳم آهي، اپار آهي، پر آهي انسان جي اندر. ٻاهر لک ڪوششون ڪريو، نه ملندو، جي ملندو ته اندر ئي ملندو.

آپي گيت پرگٽ هيءِ آپي،
گور سبدي آپ وجساوڻيڏا.

اسان کي اکين جي پنيان پردو لڳائي ٻاهر ڪڍڻ وسو آهي. اسين سڄي عمر ٻاهر اي ٻاهر وهون ٿا. هاڻ سوال ٿو اٿي ته جيڪڏهن اسان کي مالڪ پرگهٽ ڪرڻو هجي، مالڪ کي ڏسڻو هجي، ساڻس ملڻو هجي ته ڪهڙو انتظام ڪجي؟ گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا ته انهيءَ واسطي اِن ڳالهين جي ضرورت آهي. "هڪ گورو ۽ ٻيو شبد". گروءَ کانسواءِ شبد لڀڻو ملي ۽ شبد بنا مڪتي لڀي ملي. عام ماڻهو وچن يا ڪلام يا اکر کي شبد چوندا آهن. انهيءَ کيتري دليا پلجي وهي ٿي.

شبد ان وسمن جو آهي، هڪ ورن آتمڪ، ٻيو ڌن آتمڪ. جيڪي لکي سگهجي، پڙهي سگهجي، ڄڻي سگهجي، پره چاهي ڪهڙي به ٻوليءَ ۾، انهيءَ ورن آتمڪ چئجي ٿو. پر جنهن شبد جي مهما گورو امرداس صاحب جن ڪن ٿا، اهو نه لکي سگهجي ٿو، نه پڙهي يا ڄڻي سگهجي ٿو. اهو سڀني ڪنڊن برهمنڊن جي جالين جي جان آهي. اهو ڌن آتمڪ آهي. جيستائين اهو نه ملي، ڀلي ڪروڙين تيرٿ ڪجن، ويد شاستر پڙهجن، مڪتي نه ملندي. انهيءَ کي شبد ڪرليو يا نام ڪرليو، ڳالهه ساڳي آهي. مڪتي تڏهن ملندي جڏهن اسان جي روح يا آتما جو شبد سان ميلاپ ٿيندو. ساڳي ڳالهه ٻيا ڪيترا سنت ۽ مسلمان فقير به ڪن ٿا.

هرءِ واري جيئم واري،
امرت نام من وساوڻيڏا.

ٻهران ان ڳالهين جي ضرورت آهي، هڪ شبد ۽ ٻيو گورو. هاڻي گروءَ جي مهما ڪن ٿا. فرمائين ٿا ته اسين جنمن جنمن جا ٻاهل هئاسين. جنهن ڪري ٻاهر ٿي ڌڪا کائي رهيا هئاسين. گروءَ ڪرپا ڪري نام جو دان ڏنو ۽ اندر شبد سان ملڻ جو رستو ٻڌايو. اهو سڀ گروءَ جي مهما آهي. هاڻي شبد (نام)

ڇا آهي سو ٻڌائين ٿا.

امرت نام مها رس ميٺا،
گُرمتي امرت پيئا وٺيا.

هر هڪ آدمي پوءِ ڇاهي ڪهڙي به مذهب يا قوم جو هجي، سڀ جي اندر اَمرت وسي رهيو آهي. انسان ڪي اکين جي پنبڻن پرڏو لڳائي ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. اهو اَمرت ڪام، ڪروڌ ۽ مايا پيئڻ وڃن. اهڙي طرح انسان جي دولت لٽي پيئي وڃي ۽ هُو پساڻ ٻاهر شراب ڪباب ۽ قسم قسم جي وشيه وڪارن ۽ سوادن ۾ پيو آهي. فرمائين ٿا ته اهو اَمرت تمام پيارو ۽ تمام مٺو آهي. ملي ڪڏهن ٿو؟ جڏهن اسين پنهنجي مت ڇڏي گوروءَ جي مت ۾ هلون، جيئن هُو چوي ٿو ان مطابق ڪمائي ڪريون، پرڏو ڪريون ۽ مٿي چڙهون. تڏهن اهو امرت ملندو، ان ڪانسواءِ ڪونه ملندو. اهو امرت واهگوروءَ اسان واسطي ٿي پيدا ڪيو آهي، اسان جي جائداد آهي، پر افسوس اسين پيئون ٿي ڪونه ٿا.

هومئ مار بجر ڪپاٽ کلهائيا،
نام امولڪ گُر پرسادي پائيا.

فرمائين ٿا ته ستگوروءَ جي ڪرپا سان، سندن حڪم موجب ڪمائي ڪيسين، اندر نام پرگهٽ ٿيو، نام جي لذت اچي وئي. پوءِ ڇا ٿيو؟ مايا ممتا مري وئي، جنهن ڪارڻ ئي، اسين سڄي عمر ٻاهر ئي ٻاهر ڀٽڪي رهيا آهيون. جڏهن مايا ممتا ٻاهر آئون تڏهن آتما اندر هلي وئي. هاڻ اها تعليم گورو اَمرداس صاحب جن جي آهي. مٺائيءَ جي ڳالهين ڪندي سواد نه ٿو اچي، پر مٺائي کائڻ سان سواد اچي ٿو. تنهن ڪري جيڪي هُو ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا اهو ڪريو ته اها دولت ملندي. جيڪڏهن ڪمائي نه ڪئي ويئي ته جهڙا خالي آياسين اهڙا خالي هليا وينداسين،

ته سڀ خالي اچن ۽ خالي هلندا وڃن.

گورو گيان انجن سچ نيتري پائيا،
انتر چانڻ اگيان انڌ ٻير گوائيا.

انهن چون تي سري گرو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن گوروءَ جي گيان جو سرمو اکين ۾ پائو سين، اندر روشني ٿي ويئي. اگيان جو انڌارو وڃي رهيو. گورو گرنٿ صاحب، ڪتابن جي پڙهڻ کي گيان ڪونه ٿو ڪوٺي. جيئن چون گورو نانڪ صاحب جن!

"گيان ڌيان ڌن جانئي اڪٿ ڪهاوي سوئي."

جيڪا اڪٿ ڌن آهي، سڀني جي جانين جي جان آهي، اها ئي گيان آهي. جڏهن پنهنجو ڌيان انهي اکين ڪنن مٿي ٽيسري تل تي ڪٺو ڪري، ڪمائي ڪبي، پورا سان هٺ سان سهڻا، آهستي آهستي سچو شرابُ نستو ٿي ويندو. هين نون دروازن ۾ نام ڪرلهي. جڏهن مٿي چڙهنو تڏهن نام کي پائي سگهبو. هي پيار ۽ پريم جو مارگ آهي، ڳالهين ۽ واد وواد جو مارگ ڪونهي. دنيا لفظن کي جهي جهي فنا ٿيو وڃي، پر نام حاصل نٿي ڪري. سو جڏهن اندر وڃي، پردو ڪوانجي ٿو تڏهن روشني ڏسجي ٿي. پوءِ ڇا ٿو ٿئي! اڳتي هلي چون ٿا.

جوتي جوت ملي من مانيا،
هر در سويا پاوڻيا.

جوت جوتيءَ ۾ ملي وئي يعني قطرو سمنڊ ۾ ملي ويو. جڏهن حقيقت ڏسڻ ۾ آئي تڏهن من مڃي ويو. ڏسو ڪبير صاحب ڇا ٿا فرمائين:

"ڪهو ڪبير من مانيا، من مانيا تو هر جانيا."

جڏهن من مڃي ٿو تڏهن پردو کلي ٿو. پوءِ گرنا پد يا سهس دل ڪنول جو دروازو کليو پوي. هاڻي آتما پورئين استان ۾ داخل ٿئي ٿي، جتي انهيءَ استان جا مالڪ (جوتي ۽ نرنجن) ونا آهن.

حالي الي جيڪو امرت برسي رهيو آهي اهو ڪي ٻي شانتي
اچيو وڃي. گورو گوبند سنگهه صاحب جن جا سڱليا ٻڌڻ ڏسو.
جن کا جيستائين سک اندر جوش پرگهٽ نه ڪئي تيستائين هو
سک نه آهي، خالصو نه آهي. اها ستگرو جي لعاب آهي. هو انهن
ڪرڻ کا جن نه اندر نه ڇڏهو ۽ پردو نه ڪوليو.

سريرهه پالڻ ڪو باهر جائي،
نامر نه لهئي بوهت ويڳار دک پائي.

هيٺر گرو امرداس صاحب جن فرمائن ٿا ته جنهن دولت جو
بيان ڪريون ٿا اسانجي اندر آهي ۽ سرير کان ٻاهر ڪانهي.
جيترا لورهڻ ورت، ڪرم ڪانڊ آهن، اهي ٻاهرمکي ڪم آهن.
جيستائين روح يا آتما نام سان نه لڳي آهي سڀ لورهڻ ورت،
ڪرم ڪانڊ، بيڪار آهن. ٻاهريون جيترا ن ٿا سئون آهن انهن
مان ڪوبه ڦل پراپت نه ٿيندو.

من مکه اندي سوجهي ناهين،
ڦسر گور آء گورمکه وت پاوٿيڻا.

فرمائن ٿا ته جيڪي من جي چئي لي هلن ٿا، من جي چئي
لي ڪالين ٿا ۽ اها ڪم ڪن ٿا اهي انڌا آهن. من اندر وڃڻ
نه ڏيندو آهي. جيستائين اندر نه وڃبو نام ڪونه ملندو. جي
انسان ڪنهن مهاتما وٽ ويندو ۽ ان کان نام وٺي ڪمائي ڪندو
تڏهن اها دولت حاصل ڪري سگهندو. ٻيا مٿس ڪرڻ جي ۽
بردي ڪرڻ جي ڪجهه نه ڪونه ملندو.

گور پرسادي سچا هر پائي،
من تن ويکئي هومئي ميل جائي.

واهگورو اڪال پرک تڏهن ملندو جڏهن گورو جي ڪرپا
ٿيندي. جڏهن واهگورو ملندو تڏهن هومئي جي ميل لهي
ويندي. اندر پردو کلي ويو ۽ من مان سڀ شڪ لهي ويا.

هاڻي آتما ساکيات مالڪ کي ڏسي رهي آهي.

بيس ستان سد هر گڻ گاويءَ،
سچيءَ سبد سماوڻيئا.

فرمائين ٿا تہ سک کي هر روز نون دروازن کان مٿي وڃڻ گهرجي. هر هڪ استري پرش جو اهو فرض آهي تہ هر روز اندر چڙهي ۽ پنهنجي سرت کي شبد سان ملائي. اهو نت نيم هئڻ گهرجي. جڏهن اندر چڙهنو، ڏهين گليءَ ۾ پهچبو، اتي امرت وسي رهيو آهي جنهنکي پيئڻ سان شانتي اچي ويندي. هرهڪ آدميءَ جي اندر امرت سر آهي، ڪروڙين ڪنڊ ارهمنڊ ۾ سندس اندر آهن.

نوءِ در ناکي ڏاوت رهائي،
دسويءَ نج گهر واسا پائي.

هاڻي سوال اٿي ٿو تہ اها دولت ڪٿان ملندي؟ مهاراج جن فرمائين ٿا تہ هني جڏهن ٽيسري تل ۾ (اسان اکين جي وچ مٿي رو) ايندو تڏهن اها دولت ملندس. هن سرير ۾ نو دروازا آهن. ٻہ ڪن، ٻہ اکيون، ٻہ ناسون، وات، گدا ۽ اندري. انهن نون دروازن ۾ نام ڪونهي. اسين سڀ انهن نون دروازن ۾ وينا آهيون. ڏهين گلي اسانجي نج گهر يعني سچکنڊ ڏانهن وڃڻ جي وات آهي. ڪهڙي لوڪين نون دروازن کي بند ڪرڻ ۽ ڏهين گلي کوليو. اتي ڇا هوندو!

اُٿيءَ انحد سبد وجهہ دن راتي،
گورمتي سبد سٺاوڻيئا.

اتي ٻاڻي وڃي رهي آهي ڏسو ڇا ٿا چون گورو رامداس صاحب جن "باڻي گورو، گورو هيءَ باڻي وچ باڻي امرت ساري" اهوئي گورو امرداس صاحب جن چون ٿا:
"باڻي وڃيءَ چهون جگين سچو سچ سنائي"

اها چئني جڳن کان هر ڪنهن جي اندر وجي رهي آهي.
کي گروباٽي ۽ چئجي ٿو. انسان کي اکين ٻليان ٻڌو ۽ ڪٿائي،
ڪي گروباٽي ۽ چئجي ٿو. جيڪو اهو پڙهو ڪري ۽ گروباٽي حاصل
هر ڪيڏو وڏو آهي. جيڪو اهو پڙهو ڪري، سڀني جي اندر اها
ڪري. هندو ٻيا مسلمان، عورت ٻيا مرد، باهران آرتي ڪلاڪ
سڄي باٽي يعني سڄي آرتي لڳي رهي آهي. هاڻ جڏهن هي ٻاهه ڪراي
۽ ڪلاڪ هاي وري ٻند لڳي ويندي. هاڻ جڏهن هي ڪرڻ آهيو!
چئجي ته لوڪ ڇون ٽا ۽ ارهين واڌا سرامي ته آهي، اهائي شمس
جيترڻيڪ جيڪا تعليم سرامي جي مهاواڪ جي آهي ۽ اهائي اهن مهاڻيان
لبراز جي آهي، اهائي مولانا روم جي آهي ۽ اهائي واسه ۽ ٻيرو سراو
جي آهي. يعني ۽ ڪن ۽ اکيون، ته ناسون واسه وغيره مرار (ان
جا دروازا ٻند ڪري، جڏهن اڻين تون لي کي چلي هئي
آکين کان مٿي) چڙهو ته ڏهين گاي ملندي.

بن سبدئ انتر آنيرا،
نه وست لهئي نه چوڪي ڏيرا.

جيستائين روح شبد کي نه ٿو ڏسي ليستائين پردو نه ٿو کلي ۽
آلدرون دو اسه ٿئي حاصل ٿئي ۽ انسان اندر اچي ۽ اندر اي
هلير وجي ٿو. گرو امرداس صاحب جن چون ٿا:
"اڄا ڏاري اسه الها ٻولا سبد نه سٺي اهو وول گوچرلا"
شبد جي ڪمائي ۽ کان سواءِ اندر روشني لڳي ٿئي، نه جي
مرڻ کان چئجي ٿو ۽ الا جي رسائي ٿئي ٿي ۽ نه واهگورو
جر درشن ٿئي ٿو انسان خالي آهي ٿو خالي هلير وجي ٿو. ا
۽ سب شبد لي شبد پيا ڪارن ار جيڪو اصلي شبد آهي
انسان جي اندر آهي.

ستگور هت ڪنجي هو رت در ڪاوئي ناهي
گــور پــوري پــاڪ مــلاوئيٽ
جيستائين ڪر شبد سرولي، شبد ايماسي مهالما لٽر

ليستائين اندر ٻاهر ٻردو نه ڪلي. ڪنهي ستگوروءَ جي هٿ ۾
آهي. هن دنيا ۾ ڪيترائي گُٽي به آهن، گياني به آهن پر ڪنهي
وارو مهاتما ڪڏهن ورلي ملي ٿو. مون سکن جي گهر ۾ رهي
ٻاوِهه سال گهُولا ڪيا، ڪنهن سيا جو سڪريٽري ٿي رهيس،
ڪنهن جو ٻرازيڊنٽ ٿي رهيس، ڪنهن جو ڪجهه، ڪنهن جو
ڪجهه، پر مليو ڪجهه ڪونه. جڏهن گورو گرنٿ صاحب پڙهيم
ته ان ۾ لکيل هو ته ڪنهن اهڙي سنت يا گوروءَ وٽ وڃ، جو
ٻاڻ روحاني منڊان لٿي وئندو هجي. سنتن مهاتمائن جي ڳولا
ڪير، انهن کي گڏيس. عرض ڪيومان ته ڪجهه ڏيو. سڀ اهوئي
چون ته توکي ملندو پر اڃا تنهنجو وقت نه آيو آهي. پڇندو هو
سان ته توهين ڏيندا؟ چوندا هئا، نه. پڇومان ته ڪير ڏيندو؟
چوندا هئا اهو ڪير توکي ڏيندو. جڏهن وقت آيو تڏهن گهر وٺي
ملي ويو ٻاباجي مهاراج جن (پرم سنت حضور ٻابا جئمل سنگهه)
جو ستسنگ ٻڌم ۽ ٻاوِهن سالن جا گمان دور ٿي ويا. گورو
انگد صاحب جن فرمائن ٿا:

گُور ڪنهي ٻاهو نول من ڪوتا لس چيت،
نانڪ گورو بن من ڪا تاڪ نه اگهري اور نه ڪنهي هٿ.
اهوئي گورو ارجن صاحب جن فرمائن ٿا:
”جس ڪا گرهه لس ديا تالا ڪنهي گور سونپائي،
انڪ اُپاو ڪري نهين پاوي بن ستگور سرنائي.“
جڏهن ڪنهيءَ وارو ستگورو ملي، رستو ٻڌائي، سک ٻردو
کولي تڏهن مڪتي ملي ٿي، نه ته نه.

گُپت پرگٽ تون سيني ٿائي،
گور پرسادي مل سوجهي پائي.

جڏهن گوروءَ جي ڪرپا سان اندر مالڪ جو درشن ملي ٿو تڏهن
آتما شڪرانا ادا ڪري ٿي ته ”اي واهگورو! تون هر جڳهه موجود
آهين. گهٽن جي اندر گپت آهين، تون ۾ پرگهٽ آهين. تون

ملين للڏهن لو، جڏهن اردو ڪراچي لو.

نانڪ نام سلاهه سدا تون،

گورمک من وساوڻيئا.

هاڻي گورو امرداس صاحب جن فرمائن ٿا ته اهڙي
ڪمائي ڪرڻ، جيڪو نام گورمک ڏني لو. گورمک
ڇولتا ته اهو نام اوهانجي اندر آهي. اندر وڃڻ ۽
سرس شبد جي ڪمائي ڪرڻ ته مڪتي ملڻ.

ستسنگ جا وچن - (٢)

راڳ مارو - محلا ١.

بک بوهٿا لادئا ديئا سمند منجهار،
ڪنڌي دس نه آوئي نا اُروار نه پار.

سري گورو نانڪ صاحب جن دنيا جي اُپدنش ڏيندي فرمائين
ٿا ته توهين سوچيو ته ڪهڙي ۽ حالت ۾ پيا آهيو! هر هڪ انسان
من روپي اهڙي ۾ واهي پيهجي پين ۽ پاڻ جو ڀار کڻي، سنسار
جي سمنڊ ۾ لڙهي رهيو آهي. سمنڊ به ڪهڙو؟ جنهن جو نه
اوڙاڪ ڪنارو نه ڏسڻ ۾ اچي، نه پاڙ. اسان سڀني تي مـن
جو راڄ آهي. اسانجو روح من جي تابع ٿي، چوراسي لکين ڄاڻ
ڪاران ۽ طرح طرح جي پاپن جو سامان ڪٺو ڪري رهيو آهي
جنهن ڪري اسان کي ڏرمراڄ وٽ وڃڻو پوي ٿو، هو حساب
ڪري اسان کي نئون جنم ڏئي ٿو. اهڙي طرح جنم مرڻ جو
سلسلو جاري رهي ٿو. ڪروڙين جنم ٿي ويا آهن پر اسانجي اهڙي
ڪناري ڪونه لڳي آهي. اسان ڪيترائي ست جُڳ، ڪيترائي
تريتا جُڳ، ڪيترائي دواپر جُڳ ڏٺا هرندا ڪلجُڳ ۾ به ويا
آهيون. ڪهڙا ابتائي ڪونه سگهندو ته دنيا ڪڏهن ٿي ۽ ڪڏهن
ختم ٿيندي. رشي مني پرلئه، مها پرلئه جو حساب برابر لڳائو
آهي پر اهڙا ابتائي سگهن ته ڪيترا دفعا پرلئه ۽ مها پرلئه ٿي
چڪي آهي. مطلب ته سنسار سمنڊ بنا ڪناري آهي، جنهن ۾
اسانجي اهڙي بنا ملاح جي لڙهندي پيئي وڃي.

ونجهي هاٿ نه ڪيوٽو جل ساگر اسرال.

جهڪي سمنڊ جا جهاز ٿيندا آهن، انهن کي باقاعدي هلائڻ لاءِ

ڪيترن هوندو آهي. جيڪي ڏهاڙي پنهنجن هلندا رهن آهن،
انهن سان به ملاح هوندو آهي جنهن جي هٿ ۾ وڏي ٻانس جي
لٺ ليندي آهي، جنهن سان هو ٻيڙيءَ جي اوٻاڻي ڏسي سگهندو
آهي وغيره. پر اسان جي ٻيڙيءَ ساڻ نه ملاح آهي، نه سڌس
هٿ ۾ ٻانس جي لٺ آهي، بي اختيار لڙهندي پئي وڃي،
جيڪڏهن ملاح هجي ها ته هوند پار پئي پهچي گهر نه وڃنا هجون
ها؟ ڪير اڄ چون ٿا ملاح ڪي ۽ ڪوهت جهاز ڪي.

بابا جڳ ڦاٿا موا جال

اها حالت ڏسي گرو نانڪ جن چون ٿا: هاءِ افسوس! سڄو
جهان لڙهي رهيو آهي ۽ مها جمار ۾ ڦاٿو پيو آهي. هاڻي سوال
آهي ته لڪڙ جي واٽ ڪهڙي آهي؟ فرمائن ٿا نه ها آهي. اهو
ڪهڙو آهي؟ هاڻي اها ٻڌائين ٿا.

گر پرسادي ابري
سچا نام سمال،

سري گرو نانڪ صاحب جن فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ڪو
الڳ وچڙ وارو پورو گرو ملي وڃي، جو الڳ وچڙ جي واٽ
ٻڌائي، تڏهن هن جي ٻيڙي ڪناري لڳندي. نه گهر ٻار ڇڏڻو
آهي، نه ڪاروبار ڇڏڻو آهي، بلڪ پنهنجي پنهنجي گهر ۾
رهندي، پردو ڪرڻو آهي. گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ ۾
اها خوبي آهي جو ڪٿي ڳالهه مونجهاري ۾ ڇڏي ٿي ڇڏي.
جيڪڏهن هڪ لڪ ۾ سوال پيدا ٿيندو ته ٻيءَ لڪ ۾ ان جو جواب
ملي ٿو. فرمائن ٿا ته نام جي ڪمائيءَ سان پردو کڻو ڪري. هاڻي
سوال اٿيو ته سچو نام ڪهڙو آهي؟ ويدانتي "اوم" "اوم"
جو نام اچارين ٿا، هندو "رام" "رام" ڪن ٿا، مسلمان "الله"
"الله" چون ٿا ۽ ڪي "سوهنگ" "سوهنگ" نام اچارين ٿا.
اڄڪلهه اهو جو حال آهي. سڀڪو چوي ٿو ته اسان جو نام ئي سچو
نام آهي. هاڻي ڪنهن کي ڪوڙو چئجي؟ پر اڳي لڪ ٻڌار

ڪرائي ڇڏي.

ستگور هيءُ بوهٿا، سبد لنگهاوڻ هار.

فرمائين ٿا ته ستگورو ملاح آهي، جيڪو خود روز روحاني منزلن تي وڃي ٿو ۽ اسان کي به وٺي وڃي سگهي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته هنجي اندر شبد آهي، نام آهي يعني ڪلام الاهي يا نانڪ آسماني آهي، اهو سچو نام آهي. پهنجي آتما انهيءَ سان ملاءِ. انهيءَ ۾ ڪشش آهي. هو خود اڳوڻ ڪيئي ٿو. اهو ڇهڙي، چمار ۽ هر ڪنهن اندر آهي. جڏهن انهيءَ سان آتما لڳائيندا آن تڏهن ٻيڙي جي ضرورت ڪونه پوندي، سندي سڙڪ آهي جا سچ کنڊ ٿائين وڃي ٿي. جيڪڏهن ٻيڙيءَ سان ملاح هجي ۽ سندس هٿ ۾ بانس جي لٺ هجي ته ٻيڙي ڪيئن ڪانه پار لنگهندي؟ فرمائين ٿا ته نام جي ٻيڙي آهي ۽ ستگورو ملاح آهي، جيڪو سڪ ستگروءَ جو چرڻ مٽي ته ضرور پار پوندو.

تنهنءُ پوڻ نه پاوڪو، نا جل نا آڪار.

هتي سڪ ٻڌي ٿو هي جيڪي دنيا جا جهاز آهن اُهي ڪاٺ ۽ لوه جا ٺهيل آهن، باه ۽ پاڻيءَ سان هلن ٿا، انهن جو جهاز ڪهڙو آهي؟ چون ٿا ته اسانجو جهاز نام جو جهاز آهي جو نه آگ سان هلي ٿو نه هوا سان. دنيا جا سمنڊ پاڻيءَ جا آهن، اسانجو سمنڊ پاڻيءَ جو ناهي. اڳتي ٻڌائين ٿا:

تنهنءُ سچا سچ ناءُ، پؤ جل تارڻ هار.

فرمائين ٿا ته اهو نام جو جهاز آهي، اهو شبد ڌن آهي، جا هر ڪنهن جي اندر وڃي رهي آهي. اکين ڪان مٿي چڙهو ۽ ڏسو ته انهن کي ڪيئن ٿي ڪيهي.

گورمک لنگهي سي پار پئي،

سچي سڱم لو لاءِ.

اُهو سچو نام هرهڪ جي اندر آهي پر گوروءَ بنا ڪوئ

ملندو. گرو انگد صاحب جن فرمايو ته:

"گرو ڪنجي پاهو لول مهن ڪرليا لين جمع،
نانڪ گرو بن من ڪا تاڪ نه اگهڙي اور نه ڪنجي هاٿ."

ڪنجي گرو وٽ آهي. جيستائين گرو نه لڀائي، ستر نه
ملندو. ڪتابن، ويدن، شاسترن ۾ نام ڪوٺي ۾ نام جي ساراه
آهي. نام لڪل جي اندر آهي. باڻي چوي ٿي:
"نام ڪي ڌاري سگلي جنت، نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ."

نام کنڊن برهمنڊن کي ڌاري ٿو. جا لفظ کنڊن برهمنڊن کي
ڌاري سگهي ٿو، ڪڏهن نه. اسانجا ويد ۽ شاستر جا آهن؟ وشين
مين ۽ مهاتمائن ڪمائي ڪئي، اندر چڙهي جيڪي نظارا ڏٺائون،
اسانجي سکيا واسطي ڪتابن ۾ درج ڪري ويا. اهي نظارا سي
اسانجي اندر آهن. هن لفظ ابتدا ذڪر ڪيو آهي، جڏهن اسين
اندر وڃڻ سکنداسين. جيڪو به شخص ڪنهن مهاتما
کان ستر وٺي، پنهنجي نون دروازن کي ڇڏي ٽئين چڙهندو،
انهيءَ جي اڳ سچي نام سان لڳي ويندي، استري هجي چاهي پرش،
سڀ لاءِ اهو قاعدو آهي.

آوا گون نواريا، جوتي جوت ملاءِ

جن گرومکن پردو ڪرليو ۽ اندر چڙهيا انهن جو آواگون (جنم
۽ مرڻ) ختم ٿي ويو. روح جا آليا جا اصل سچ کنڊ مان آئي سا
واپس سچ کنڊ هلي ويندي. اهو ستر سڀني لاءِ ساڳيو آهي. جيڪي
جيڪي مهاتمائن اندر ويا آهن انهن جو طريقو هڪ ئي آهي، ستر
هڪ ئي آهي، لفظ هڪ ئي آهي. توهين ڪنهن به مذهب جي
مڃيندڙ ڪي ڏسو، جيڪي مالڪ کي مليا آهن ۽ ڪٿي جدا جدا
مذهب ۾ [illegible] ستر ساڳيو وٺو آهي، چاهي شمس تبريز،
[illegible] مولانا روم، چاهي نانڪ ۽ مهاتمائن، جن لاءِ نه مالڪ

گورمتي سهج اُپجي، سچي رهي سماءِ.

هاڻ سک سوال ڪري ٿو ته جيڪڏهن گوروءَ جي مت وٺي،
نام جي ڪمائي ڪجي ته انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ جواب
ڏني ٿو ته سهج سماڌيءَ ۾ هليو وڃبو. سڀني سماڌين ۾ ڪهڙي
اُتم سماڌي آهي؟ گورو گرنٿ صاحب ۾ چيل آهي:

”ترهه گڻان وچ سهج نه پائيئي ترٻي گڻ ڀرم ڀلائي،
پڙهئي گڻئي ڪيا ڪٿئي جان مُنڍهه گٿا جائي؛
چوٿي پد مهه سهج هي گورمک پلي پائي.“

ترلوڪيءَ کان هيٺ سهج سماڌي ڪانهي. جوڳين جي سماڌي
۾ هيٺ جي سماڌي آهي. پارٻرهم کان مٿي سچکنڊ ۾ سهج
سماڌي آهي. جڏهن من، مايا، اندريون، ڪام ڪروڌ وغيره
سڀ پردا لهي ٿا وڃن تڏهن آتما ننگي ٿيو پوي. اها حالت
پارٻرهم ۾ ٿئي ٿي. ان وقت آتما جو پنهنجو پرڪاش ٻارهن
سورجن جيترو ٿئي ٿو. ان وقت چوٿي ته مان آتما آهيان، پوءِ
ڳولي ٿي ته منهنجو پرماتما ڪٿي آهي؟ جڏهن گوروءَ کان مت
وٺي اندر چڙهجي، سچکنڊ پهچجي، اُتي وڃي سهج سماڌي ملي
سهج پد ملي ٿو. اهو گوروءَ جي ڪرپا ڪانسواءِ نٿو ملي.

سڀ ٽڙائي پائيئي، بِک اندر من روس.

هاڻي سک هڪ تمام عمدو سوال ڪري ٿو. چوي ٿو ته جيڪڏهن
کنڊ برهمنڊ، سڄي دنيا آڪال پرک منهنجي اندر آهن ته ڏسڻ ۾
ڇو نٿا اچن! جيڪڏهن هرهڪ لاءِ مالڪ اندر جائداد رکي آهي
ته اها ملي ڇو نٿي؟ انهيءَ جو جواب گورو نانڪ صاحب ڏين
هيٺين ڏني ٿا: جهڙي طرح دبل خزاني مٿان سڀ ڪا نانگ ويٺو
هوندو آهي ۽ جيستائين ان کي ڪڍي نه وڃي ڪا ماري نه وڃي
تيستائين خزانو هٿ نه ايندو آهي، ساڳي طرح اسان ۾ من روپي
نانگ ويٺو آهي جو اندر وڃڻ نٿو ڏئي. ساري دنيا هاءِ هاءِ پيئي
ڪري. وڏا وڏا عالم، فاضل، گياني ۽ ڪٿي ابهر ماڻهن کي ماٺ

[illegible] ٿو من فاطمي ۽ ننا آئي سگهن، جهڙڪري من ڪمن
[illegible] ٿئي. من مواد جو عاشق آهي. هاڻي هر ڪنهن کي
[illegible] آهي، مان عالم، مان فاضل، مان ڪٺي، مان
[illegible] جسمانيءَ انسان کي اهڙو ڪرو نه ملي، جو
[illegible] اهو خزانو، ڪنهن برهمڻ يا اڪال برڪ
[illegible] من جو زهر نه ڪڍي سگهيا. هاڻي
[illegible] نوڪري جنهن ۾ ٿالڪ کي رکيو
[illegible] جي اندر من روپي ٿالڪ ويٺو آهي،
[illegible] تماشي جو زهر پرٻل آهي جنهن روح کي
[illegible] ٿئي. حالي جسمانيءَ اندر نه چڙهيو ليسانين زهر
[illegible] واڳاري نس، هي جيڪي ملڪن جون ٻاڻ ۽ لڙاڻون
آهن ڪير ڪرائي رهيو آهي؟ من. سڀ ڪنهن نه ڪنهن معاملي
۾ ڦٿرين جهڳڙن ۽ لڙائين ۾ لڳا پيا آهن. من سان لڙائي ڪير
ڪونه ٿو ڪري، جيڪو انسان جو ڪر دشمن آهي ته من. سڀ انسان
هڪ ئي پيءُ جو اولاد آهن ۽ ڀاءُ ڀائر آهن. انسان کي ڀلائي
واڙو ڪير آهي، من. سوچيو، دنيا جا عالم فاضل، راڄ ڌڻيون
ڪنهن نه ڪنهن لڪر ۾ لڳا ئي پيا آهن. مٿي جنهن انهن سمورن
واسطي ۽ مالڪ کي ملڻ واسطي مليو آهي. ان سڀ من جو دوکو
آهي، ير ڪير ٿو سمجهي.

يورپ لکيا پائيڻ، ڪس نؤ ديجيئ دوس.

جهڙي طرح زميندار هميشه جيڪو فصل لڻيو آهي اهو ڪاٽيندو،
وري ان کان ٻرو اهو ٻوڪيندو ۽ لڻندو. اهڙي طرح انسان جيڪي
ڪدورال ڪم ڪيا اٿس موجب هميشه انسان جي پرالبد ليکي آهي.
جيڪي هميشه ڪري رهيا آهيون اهي آئينده جنم جي پرالبد
ٿاهيندا. ڪير ٿو انسان کي چئي ته برا ڪرم ڪر؟ واڳارو ڦالو
اهو آهي. الي شاه فرمائين ٿا:

„قاهي اوڙ لسي قسي آپ“

گورمک گارڙ جي سٽي، مٺي نانءُ سنتوش.

ڀائي سکه وري گورو نانڪ صاحب کان پڇي ٿو. مهاراج!
جڏهن اهو زهر سيني کي چڙهي وڃو آهي ته ان جو ڪو علاج
آهي؟ نانگ جي جهاڙ وجهڻ وارو، انهيءَ کي چوندا آهن گارڙو
۽ جيڪا دوا آهي ان کي چوندا آهن گرڙ. ڀائي من جو گارڙو
ڪير آهي "ستگورو". دوا ڪهڙي آهي؟ "نام". نام هر ڪنهن
جي اندر آهي. ستگورو چوي ٿو ته نام سان روح کي جوڙ، پر
هؤ اُئين ڪري ٿو. ته جيڪڏهن نام جي ڪمائي ڪري ته دروازا
ڇڏي مٿي چڙهي ته ڪيس اندر ته جيڪو امرت پيو وسي، سو
ملندو. اهو هندو، مسلمان، چمار، چوڙهي، سڀ ڪنهن جي اندر
آهي پر ان کي ڪام ۽ ڪروڌ پيئڻو وڃن. گويا انسان جي دولت
لٽجي رهي آهي. اندر وڃي انهيءَ امرت کي پيئي ته شانتي
اچي وڃيس. سنتوش ڏاڻ واري دوا اندر ئي آهي. اندر وڃجي
ٿو، دوا کائجي ٿي ۽ نڪو جمڻ مرڻ کان ڇٽجي ٿو.

ماگرمڇ ڦاٿائيندي، ڪنڌي جال وڌاءِ.

ڀاڳ گورو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا ته اي انسان! تون ڪير
آهين؟ پنهنجو ڀاڳ سڃاڻ. تون ته سڪندر جي سمنڊ جو ڦڙو آهين،
اشرف المخلوقات آهين. تون پنهنجي مالڪ اڪال پرکه کي وساري
ويٺو آهين. سمنڊ ۾ هيبتناڪ ماگرمڇ ٿيندا آهن، جي جهاز کي
ٽڪر هڻن ته جهاز ٻڏي پوي. پر ويسر يا شڪاري ڇا ڪندا آهن
جو ڪنڊيءَ ۾ اٽو يا گوشت اٽڪائي ڪٽي پاڻيءَ ۾ وجهن. ماگرمڇ
اٽو يا گوشت ان مان کڻي ڪونه کائي، پر ڪنڊيءَ سوڌو ڳهيو
ان کي ڳڙڪائي ۽ ان ۾ ڦاسجي، گهاٻرو اچي. ڪيڏو وڏو جانور
هڪ معمولي ڪنڊيءَ ۾ ڦاسيو وڃي! اهڙوئي اسان جي روح جو
حال آهي. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته تون ست نام جي اتم
ديس جو رهواسي آهين. ڀاڳکي ڏس ته سڃاڻ ته تون آهين ڪير؟
پر من سان ملي پنهنجو ڀاڳ وساري ويٺو آهين. جيئن ماگرمڇ کي

ڪرار ڇڏڻ ۽ من ٺاهڻ ۾ لڳا اچي سگهن، جنهنڪري من کين
اندر وڃڻ نٿو ڏئي. من سواد جو عاشق آهي. هاڻي هر ڪنهن کي
من جو زهر چڙهيل پيو آهي، ماڻ عالم، ماڻ فاضل، ماڻ ڪٽي، ماڻ
گياني، ماڻ ڌياني. هاڻي جيستائين انسان کي اهڙو گرو نه ملي، جو
من جو زهر ڪڍي تيستائين اهو حزالو، ڪيئ برهمنڊ ۾ اڪال ٻرڪ
نه ملندا. وڏا وڏا رشي مني من جو زهر نه ڪڍي سگهيا. هاڻي
هي سڀ هڪ پنڊي ۾ (ڍڪيل ٽوڪري جنهن ۾ مالڪ کي رکيو
آهي) رکيل آهي جنهن جي اندر من رهي ٿو مالڪ ويٺو آهي،
جنهن ۾ انسان جي پاپن ۽ گناهن جو زهر ڀريل آهي جو روح کي
اندر چڙهڻ نٿو ڏئي. هاڻي جيستائين اندر نه چڙهنو تيستائين زهر
نه لهندو. ويچاري نفس، هي جيڪي ملڪن جون پاڻ ۾ لڙايون
آهن ڪير ڪرائي رهيو آهي؟ من. سڀ ڪنهن نه ڪنهن معاملي
۾ ٻاهرين جهڳڙن ۽ لڙاين ۾ لڳا پيا آهن. من سان لڙائي ڪير
ڪري ٿو ڪري. جيڪڏهن انسان جو ڪو دشمن آهي ته من. سڀ انسان
هڪ ئي پيءُ جو اولاد آهن ۽ پاڻ ۾ ڀائر آهن. انسان کي ڀاڙائڻ
وارو ڪير آهي؟ من. سوچيو، دنيا جا عالم فاضل، واعظ ڏيندڙ
ڪنهن نه ڪنهن ٽڪر ۾ لڳا پيا آهن. مفت جنم ماڻهو سمرڻ
واسطي ۽ مالڪ کي ملڻ واسطي مليو آهي. باقي سڀ من جو دوکو
آهي، ۽ ڪير نٿو سمجهي.

پورب لکيا پائيئي، ڪس نه ديجئي دوس.

جهڙي طرح زميندار هميشه جيڪو فصل اڀرو آهي اهو ڪاٽيندو،
وري ان کان پوءِ پيو پوکيندو ۽ لڻندو. اهڙي طرح انسان جيڪي
ڪنڌ ڪم ڪيا انهن موجب هميشه انسان جي پرالبد ٺهي آهي.
جيڪي هميشه ڪري رهيا آهيون اهي آئينده جنم جي پرالبد
ٺاهيندا. ڪير ٿو انسان کي چئي ته برا ڪرم ڪر؟ ويچارو ڦاٿو
پيو آهي. ڀائي شاد فرمائين ٿا:

"ڦاٿي اور لهي ڦسي آهه"

گورمکـ گارڙ جي سٽي، مني ٿانءُ سنتوس.

هاڻي سکه وري گورو نانڪ صاحب کان پڇي ٿو. مهاراج!
ڇڏهن اهو زهر سڀني کي چڙهي ويو آهي ته ان جو ڪو علاج
آهي؟ نانگ جي جهاز وڄڻ وارو، انهيءَ کي چوندا آهن گارڙو
۽ جيڪا دوا آهي ان کي چوندا آهن گرڙ. هاڻي من جو گارڙو
ڪير آهي "ستگورو". دوا ڪهڙي آهي؟ "نام". نام هر ڪنهن
جي اندر آهي. ستگورو چوي ٿو ته نام سان روح کي جوڙ، پر
هؤ ڄاڻين ڪري ٿو. پر جيڪڏهن نام جي ڪمائي ڪري ته دروازا
ڇڏي مٿي چڙهي ته ڪيس اندر ۾ جيڪو امرت پيو وسي، سو
ملندو. اهو هندو، مسلمان، چمار، چوڙهي، سڀ ڪنهن جي اندر
آهي پر ان کي ڪام ۽ ڪروڌ پيئو وڃن. گويا انسان جي دولت
لٽجي رهي آهي. اندر وڃي انهيءَ امرت کي پيئي ته شانتي
اچي وڃيس. سنتوش ڏيڻ واري دوا اندر ۾ آهي. اندر وڃجي
ٿو، دوا کائجي ٿي ۽ نڪو جنم مرڻ کان ڇٽجي ٿو.

ماڳر مڇ ڦهائيندي، ڪندي جال وڃاءِ.

هاڻ گورو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا ته اي انسان! تون ڪير
آهين؟ پنهنجو پاڻ سڃاڻ. تون ته سڪندر جي سمنڊ جو ڦڙو آهين،
اشرف المخلوقات آهين. تون پنهنجي مالڪ اڪال پرکه کي وساري
ويٺو آهين. سمنڊ ۾ هيبتناڪ ماڳر مڇ ٿيندا آهن، جي جهاز کي
ٽڪر هڻن ته جهاز پٽجي پوي. پر ويسر يا شڪاري ڇا ڪندا آهن
جو ڪنڍيءَ ۾ اٽو يا گوشت اٽڪائي ڪٽي پاڻيءَ ۾ وجهن. ماڳر مڇ
اٽو يا گوشت ان مان ڪڍي ڪونه کائي، پر ڪنڍيءَ سوڌو ڪنهو
ان کي ڳرڪائي ۽ ان ۾ ڦاسجي، گهلجو اچي. ڪيڏو وڏو جانور
هڪ معمولي ڪنڍيءَ ۾ ڦاسيو وڃي! اهڙوئي انسان جي روح جو
حال آهي. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته تون ست نام جي اٿم
داس جو رهواسي آهين. پاڻ کي ڏس ته سهين ته تون آهين ڪير؟
پر من سان ملي پنهنجو پاڻ وساري ويٺو آهين. جنهن ماڳر مڇ کي

پنهنجي خود ڪاڻ ٿي اوري ليڪن انسان سڀ من اندر ان سان ملي،
پنهنجي مٽي پليت ڪري رهيو آهي.

درمت ڦاٿا ڦاهيءَ، ڦر ڦر پڇوتاءِ.

چون ٿا ته انسان کي ڦاسايو ڪنهن آهي؟ سندس خواهشن، سندس ڪونيءَ مت. جيئن جيئن ملجهس خواهشون اُن ٿيون؛ هي سواد وٺي ٿو ليڪن ليڪن ڦاسندو پيو وڃي. ڪيس اهو ڦاسائڻ وارو ڪم ڪرائي. وڏي پڇتائي ٿو، هاءِ هاءِ به ٿو ڪري، دک به ٿو ڀوڳي پر زهر لٿو چڙهي!

جمڻ مرڻ نه سڄهڻي، ڪرت نه ميٽيا جاءِ.

فرمائين ٿا ته هي انترو بي‌دار ٿيو پيو آهي، پاڻ ڪرڻ ڪري انتري هن ٿي مول چڙهي وئي آهي جو چوڻو "اڻهه جگ مٿا اڱلا ڪن ٿا". ڪيس اها خبر ٿي ڪانهي ته مان ڪري چا رهيو آهيان. برا ڪم به ڪري ٿو، سزا به ڀوڳي ٿو پر باز نٿو اچي. جيڪي ڪرم ڪجن ٿا انهن جو حساب ضرور ڀوڳڻو آهي. اهو خيال ڪير به نه ڪري ته حساب ڪرڻ ورلو ويندو. گورو صاحب جن فرمائين ٿا:

"ايڪا رب منگيسيا ايلا ڪد ڇهي."

ڏومراهه حساب ولي ٿو؛ ڪيئن ته ڪري ولي ٿو.

هومي بکه پاءِ جڳت اُپائيا سبد وسيي بکه جاءِ.

هاڻ وري سک پڇي ٿو، مهاراج! هن "هومي" جي بيماريءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪو علاج آهي؟ فرمائين ٿا ته اها "هومي" جي بيماري سڄي سنسار کي لڳل آهي. گورو گرنٿ صاحب ۾ لکيل آهي:

"هوں وچ آيا، هوں وچ گيا، هوں وچ جميا، هوں وچ مرا."

سڄي ٻاڙوي "هومي" جو فوٽو کنچي ٿي. آخر چوڻيا:

"هومي ديرگهه روگ هي دارو ڀه اس ماهين."

اهو هومئِ روڳ سڀ جو مرض سڄي دنيا کي لڳل آهي.
پر بيماري اندر آهي ته دوا به اندر آهي. ڪهڙي دوا آهي:
"ڪرپا ڪري جي آپڻي تان گورو ڪا سبد ڪماهين."
جيڪڏهن واهگورو ڪيس ڀاڳ سان ملائڻ چاهي ته هن کي پورو
ستگورو ملائي ٿو. گورو چوي ٿو ته پنهنجي روح کي نام سان
ڳنڍ. جڏهن هو نام سان روح کي ڳنڍي ٿو، سندس پردو کلي
پوي، روح ڪنهن برهمنڊن تي چڙهيو وڃي ۽ سندس زهر
نڪرو وڃي. بيماري هرڪنهن جي اندر آهي ۽ دوا به هرڪنهن
جي اندر آهي پر بنا ستگورو جي نٿي ملي. دوا ڪهڙي آهي؟
"اکنڊ ڪيرتن". اِي ڳاله ته. ڪرو ڙان جپ تپ ڪرا "هومئِ"
ناس نٿي ٿئي، نام جپڻ، ناس ٿي ويندي.

جرا جوهه نه سڪئي، سچ رهئي لو لاءِ.

انسان جي اندر اهو سچ آهي، شبد ڌن آهي، گورباڻي آهي.
جڏهن روح اتهيءَ سان اڳانبو ته اندر روشني ٿيندي. پردو کلي
ويندو، جنم مرڻ کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو ملي ويندو. اتهيءَ
ڪانسواءِ اي ڳاله، دوا سڄي برهمانڊ ۾ ڪانهي.

جيون مڪت سو آکيئي، جس وچهه هومئِ جاءِ.

جيڪڏهن هي ڀاڳ مان هومئِ ڪڍي، سچ جي لذت وٺي ته اها
جمري ٿي مڪت ٿي وڃي. مڪتيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ ٻهراون
استول شرار ايو سوکشم شرار، ٽيون ڪارڻ شرار ۽ وري رجو،
تمو، ستو اهي ٽي گڻ ۽ من، مايا ۽ پنجواهه پرڪراون ۽ اهي سڀ
انسان جي روح جي مٿان پردا چڙهيل آهن، جن سڀني جي لاهڻ
کي مڪتي چئجي ٿو. جڏهن آتما جي مٿان اهي سڀ پردا لهيو
وڃن تڏهن کي "جيون مڪت" چئجي ٿو. جڏهن اهي پردا لهيو
وڃن تڏهن مالڪ پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ جنم مرڻ کان آزادي ملي ٿي.
"هومئِ" جي ڪڍڻ جي دوا شبد آهي. هيءَ شبد جي ڪمائي

ڪرڻي ڪرڻ ٿو. لکڻ پڙهڻ کي شبد سمجهي ويٺو آهي پر شبد لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچي نٿو سگهي، شبد ڌن انڀ آهي.

ڌن ۽ ڌاوت جگ ٻاڌيا، تا ٻوجهيءَ ويچار.

فرمائين ٿا گورو نانڪ صاحب جن ته سڄو جهان "هؤمي" جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي ۽ "هؤمي" ۾ جڪڙيو پيو آهي. هي دنيوي قومن ۽ ديسن کي پنهنجي قوم ۽ ديس سمجهي ويٺو آهي ۽ انهن ۾ ڦاسي پنهنجو اصل ديس ۽ قوم وساري ويٺو آهي. هي انڌو آهي ۽ انڌو ٿي ڪرم ڪري رهيو آهي ۽ ڄار کي ڦاسائي رهيو آهي.

جمڻ مرڻ وساريا، منمک مگڌ گوار.

فرمائين ٿا ته هي انڌو آهي، ٻوڙو آهي، احمق آهي، منمک آهي. جي گورمک هجي ته ڦاسي ڇو؟

گور راکي سي اُبري سچا سبد ويچار.

هاڻ وري سک پڇي ٿو ته دنيا کان ڇڏڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ مهاراج جن فرمائين ٿا: مانس ديهيءَ ۾ هڪڙي گوروءَ جي تلاش ڪرڻ گهرجي، ان کا نام وٺي، ڪمائي ڪري، پنهنجي او شبد سان لڳائي، ته ته تہ ڳڪا پيو ڪائيندو. اهو سچو نام جنهن جي، ويد شاستر مهما ٿا ڪن سو هن ۾ آهي. جڏهن پنهنجو روح انهيءَ سان لڳائيندو تڏهن جمڻ مرڻ کان ڇٽندو.

سوهڻ پنجر پريم ڪيءَ، ٻوليءَ ٻولڻهار.

فرمائين ٿا ته هي شرير پڃرو آهي جنهن ۾ آتما روپي طوطو قيد ٿي دنيوي ٻوليون پيو ٻولي. سندس اندر سچ آهي، اڪال پرک آهي، امرت آهي. جي پردو کولي امرت پيئي ۽ سچ سان روح لڳائي ته ڇا ٿيندو؟ پڃرو ٽٽي پوندو، طوطو سچ کنڊ اڏامي ويندو. پر هي انهن ڪرڻي ڪرڻ ٿو. دنيا جي ڪام ڪروڌ جون ٻوليون پيو ٻولي.

سچ چکيءَ امرت پيئي، اُدئي تہ ايڪاوار.

سندس اندر آب حيات آهي، سندس اندر خود خدا آهي، سندس اندر ڪروڙين خوشيون آهن سچي شانتي آهي. هي سچ جو چوڳو چکيئي نٿو، وشيہ وڪارن جو چوڳو پيو چکي. اندر نٿو وڃي، پردو نٿو کولي. جي پردو کولي تہ پوءِ جمڻ ۽ مرڻ ۽ اچڻ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

گور ملئي خصم پڇاڻيئي،
ڪهہ نانڪ موکہ دئار.

جيڪڏهن هن کي پورو گورو يا ڪامل مرشد ملي وڃي، اهو ڏئيس راهہ، تہ هن جي جيئري مڪتي ٿي وڃي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهائي وات آهي پار ٿيڻ جي. افسوس آهي جو هي سڃي نٿو. ڪهڙي نہ عجب جي ڳالهہ آهي جو استري ۽ پرش هڪ ئي کٽ تي ليٽيا پيا آهن، پر نہ استري پرش جو منهن ڏٺو آهي ۽ نہ پرش استريءَ جو. نہ استريءَ جو پتيءَ سان ميلاپ ٿيو نہ سهاڳڻ ٿي، يعني اندر ئي آتما آهي، اندر ئي سندس پتي اڪال پرکہ آهي، ڪروڙين جنم ٿي ويا پر ميلاپ ڪرنہ ٿيو.

ستسنگ جا وچن - (٧)

راگ سوهي محلا ۳. اشٽپديون

کائيا کامڻ اتِ سُڄالهيو پِرُ وسئي جس نالي.

جهڙي ريت گهر ۾ هڪ استري جڏهن استري جو پتي ساڻس گڏ سندس ئي گهر ۾ رهي ٿو ته ان ڏانهن ڪير آڱر به نه ٿو کڻي سگهي، ڇاڪاڻ ته اها استري سڀاڳڻ آهي. اها حالت ساراهڻ جوڳي آهي. ساڳي پترولا آهي، سڀاڳڻ آهي جا تمام سهڻي آهي ۽ ان طرح هي ۾ ڪايا به سرير به استري آهي. اها ڪايا جڏهن گهڻتائي اها آهي جو سندس پتي ساڻس گڏ هوندو. ساري سڀ ڀيڻ سندس پتي پرڀو آهي، ساراهڻ جوڳي آهي. ۽ شبد، نام يا پرڀو پتي پرڀو ڪير آهي؟ شبد، نام يا پرڀو. سڀاڳڻ جو پتي ڪير آهي؟ شبد پرڀو آهي. سا ڏن ڏهاڳڻ آهن. الهيءَ شبد پرڀو آهي، شبد پرڀو آهي سا ڏن. جڏهن ڪايا ۾ نام پرڀو آهي ته اها ساراهڻ جوڳي آهي.

پِرُ سچي تي سدا سهاڳڻِ، گُر ڪا سبدُ سموالي.

پرڀو آهي سو ئي سچو پرڀو آهي. شبد پرڀو گرو آهي، فرمائين ٿا ته جڏهن ڪايا يا سرير ۾ شبد پرڀو جي ڇڪ سدائين لاءِ سڀاڳڻ آهي. ڪيس وري وري چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڪري وڃڻو پوندو. اُها ئي جي الش آهي ته جڏهن سائين ساڻس واپس وڃي گڏجي ته پوءِ سدائين سڀاڳڻ آهي. جڏهن منش هالي، نام جي ڇڪيتي ولي، ان جي ڪمائي ڪئي، ته نام پنهنجو مهال جوڙي ڇڏيو، انهيءَ جو هن دنيا ۾ اچڻ مبارڪ آهي ۽ نام جي لاڳيتي جي لائق آهي.

هر ڪي ڀڳت سدا رنگ راتا هؤ مي وچهُ جالي.

ليڪن ٿا ته ڪنهن کي ڪنهن نه ڪنهن جو پيار لڳو

آهي ۽ جنهن هريءَ يعني هڪ ئي واهگرو وهه سان پيار ڪيو آهي، هڪ سان ئي ناتو جوڙيو آهي انهيءَ آتما جو سهاڳ، سدائين قائم آهي. جيستائين إنسان شبد سان نه مليو آهي، تيستائين هؤمي ۾ ڦاٿو پيو هرندو ۽ جيستائين هؤمي ۾ آهي تيستائين ڏک ۾ آهي ۽ ٻنڌن ۾ آهي. جيستائين چوي ٿو ته "مان ڪريان ٿو"، اوستائين ٻنڌن ۾ آهي. جي چڱا ڪرم ٿو ڪري ته چڱن ٻنڌن ۾ آهي، جي برا ٿو ڪري ته برن ٻنڌن ۾ آهي. اهو سندس مرضيءَ تي ڇڏيل آهي، چاهي نه نون دروازن ۾ وڃي ٿي هجي چاهي ته ڪنهن سنت مهاتما کان راه وٺي، نون دروازن مان نڪري، نام سان ميلاپ ڪري. جيڪي اندر وڃن ٿا انهن کي محنت ڪرڻي پوي ٿي. جيتري محنت اسين دنيا لاءِ ڪريون ٿا اوتري جي نام لاءِ ڪريون نه، ڪم ٿي وڃي ۽ جنم مرڻ کان ڇٽي وڃجي. اسين روز پيا پڙهون نه اندر ۾ نام آهي، اندر ۾ مالڪ آهي. اهو مالڪ اسانجا سڀ ڪرتوت ڏسي رهيو. اهو سڀ ڄاڻندي به ڏجون ڪريون ٿا. جيستائين ڏڄنداسين نه، تيستائين ڇٽڪي نه ٿيندي.

واه واه پوري گور کي ٻاڻي.

هي انهن جا اکر آهن جن نام جو سواد ورتو آهي. سو گورو امرداس صاحب جن چون ٿا ته مان پنهنجي گوروءَ انگد صاحب جن تان ٻلهار وڃان جن مونکي نام جي سوجهي ڏني ۽ تجربو ڪرايو. نام، نام آهي! جنهن جي ملڻ سان سڀ پاپ ناس ٿيو وڃن. مان سندن ۽ نام، ٻنهي جو شڪرگذار آهيان.

پوري گور تي اُپجي ساچ سماڌي – رهاءِ.

فرمائين ٿا نه انهيءَ نام جي ڄاڻ مونکي پوري گوروءَ کان ملي. گوروءَ ٻاڻ سان ڳُڍ رهائي، نام جي ڪمائي ڪرائي نام جو تجربو ڪرايو. انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ پرڙ ٿ پيئي ته اڳ اسين ڪوڙ ۾ وڃنا هئاسين! راڄا به ڪوڙ آهي، پرجا به ڪوڙ

آهي، سڀ ڪُوڙ آهي، فقط ٻاڻي ۽ نام ئي سچ آهي.

"آد سچ جگاد سچ هي ڀي سچ نانڪ هوسي ڀي سچ"
(جپ صاحب)

سڀ ڪجهه ٺاهڻ واري طاقت سچ آهي، جا ڪڏهن به فنا ٿيڻ واري ڪانهي. فرمائين ٿا اسين فنا جي دائري مان نڪري بقا جي دائري ۾ آيا آهيون. هاڻ ڪڏهن فنا نه ٿيڻو آهي.

ڪائيا اندر سڀ ڪڇ وسيءِ کنڊ منڊل پاتالا.

"جو برهمنڊي سوئي پنڊي جو کوجي سو پاوي" (راڳ ڌناسري ٻاڻي پيپن جي.) اهو انهن سڀني جو چرچ آهي جن اندر وڃي ڳولي لڌو آهي، هڪ اُن جو چرچ ڪرڻهي.

"ڪوٽ برهمنڊ ڪو ٺاڪر سوامي" (سورٺ محلا ٥)

اسان کي هڪ برهمنڊ جي به خبر نه آهي. سو مالڪ جي دائري ۾ اهڙا گهڻيئي برهمنڊ آهن.

"ايها ڪيئي ايها هوئي" (جپ صاحب)

ڪيتراڻي آڪاش آهن. ڪيتراڻي پاتال آهن!

"پاتالان پاتال لک آڪاسان آڪاس" (جپ صاحب)

هڪ اُد پاتال هيٺي نه ڪٿي ڇنجي، پر لکين پاتال آهن، لکين آڪاش آهن. مالڪ به بي انت آهي نه سندس رچنا به اَن انت آهي.

ڪائيا اندر جگم جيون داتا وسيءِ،
سڀنا ڪري پرتپالا.

فرمائين ٿا نه هن ڪايا اندر سڀ ڪجهه آهي. اها ڳالهه ٺٺلي نه، پر بلڪل حقيقي آهي. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

"حڪمي هووَن آڪار حڪم نه ڪهيا جائي،
حڪمي هووَن جيئه حڪم ملي وڊيائي."

يعني رچنا ڪرڻ وارو به اندر آهي ۽ هِن جيون کي سنڀالڻ وارو به اندر آهي. مالڪ سڀني کي روزي ڏيڻ وارو آهي.

جيتي جيتي ڪو جيئرو آهي اُتي اُتي مالڪ هن کي روزي پهچائي
ٿو. ماڻهو چوندا آهن ته اسين فصل پوکيون ٿا، لڻون ٿا، محنت
ڪريون ٿا، پرماتما ان ۾ ڇا ڪيو؟ مان چوان ٿو ته جي سورج
نه هجي ته فصل ڪيئن ٿئي؟ اهو سائنس وارن به تجربو ڪيو
آهي. هاڻي اندازو ته توهان جي محنت ڇا ٿي ڪري؟

ڪائيا ڪامڻ سدا سهيلي گورمک نام سمهالا.

فرمائين ٿا ته اها ڪايا روپي استري سدائين سکي ۽ سهاڳڻ
آهي، جنهن جي مجهس شبد پرڳٽ آهي. بار بار چون ٿا ته
شبد جي آسري ڪايا ٺهي ٿي ۽ جيڪو انهيءَ ڪايا جي اندر
ڳولا ڪري ٿو، سو شبد سان ملي سگهي ٿو.

ڪائيا اندر آپي وسي الکه نه لکيا جائي.

هن انساني ڪايا اندر وحده لاشريڪ، ڪل مالڪ پاڻ ويٺو
آهي. جيڪي نَو دروازن ۾ وهنا آهن يعني اکين ڪان ناڪ جن
جو خيال ٻيو وسي انهن لاءِ هو الکه آهي ۽ ڪين نظر نه ايندو.
هو جنهن طريقي سان ڪيس ڏسڻ چاهين ٿا انهيءَ سان ڏسڻ ۾ نه
ايندو ۽ جنهن رستي ڳولين ٿا ان رستي ڪونه لڀندو.

منمکه مگتا بوجهئي ناهين باهر ڀالڻ جائي.

فرمائين ٿا ته آهي منمک آهن، مگت آهن ۽ بيوقوف آهن،
جي، جيڪو اڪال پرک سندن اندر ويٺو آهي تنهنکي ٻاهر
ڳولي رهيا آهن. ”لڙڪا بغل ۾ ڍنڍورا شهر ۾“ ٻالڪ پنهنجي
ڪڇ ۾ کنيو بيٺا آهن ۽ شهر ۾ ڍنڍورو گهمائي رهيا آهن ته
ٻالڪ گم ٿي ويو آهي. جيتي ٻالڪ ته آهي اُتي ٻيا ڳولين، جيتي
آهي اتي ڳولين ڪونه ٿا. اهڙي طرح مالڪ کي ڳولڻ لاءِ ڪو
مسجدن ڏانهن، ڪي وري ڪتابن جا پنا ورائي رهيا آهن. مالڪ
اندر آهي پر اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪن ٿي ڪونه ٿا. جنهن
صاحب ۾ پورن لکيل آهي:

۽ جيڪو نڌن دروازن ۾ ونڊو آهي تنهن واسطي هو الک آهي.
جيڪي گروه جي چئي موجب اندر ويا انهن واسطي هو ظاهر
آهي. جيڪي چون ٿا ته هنکي نه روپ آهي، نه ريک آهي،
پوءِ ڪيئن ملندو؟ اهڙن لاءِ الک آهي. اهو مالڪ جنهن جو
هيترو بيان ٿيل آهي سو ڪجهه نه آهي. پاڻي پانسگهه (تائيد ۾)

"سدا حضور دور نه جاڻهو گور سبدي هر انتر پڇاڻهو"

(راڳ مانجهه محله ٣)

جن اندر وڃي مالڪ کي ڏٺو انهن واسطي حاضران حضور آهي.
باقي بيا جهڙا خيال من ۾ ڌاريندا اهڙو تني کين فائدو پهچندو.
حقدار سڀ آهن پر جي اندر ۾ مالڪ کي پرکش ڪري نه
ڏٺائون ته فائدو ڪهڙو؟

ڪائيا اندر رتن پدارت پيڳت پري ڀنڊارا.

هن ڪايا (سرير) اندر بيشمار قيمتي وستر پيرن آهن. فرمائين
ٿا ته جيڪڏهن ڪايا ۾ ڪام ... وغيره آهي ته ڪميا، ووڪ
۽ ذارج ۾ آهي. هرهڪ ... جو خزانو پيو آهي، مالڪ
جي ... ا پندار پريا ... ۾ هجي ته اي ڳالهه ... هتي
ته ... بيا آهن.

اِس ڪا ... ب پرٿوي،
هات ... بازا
هن ا ... ر آهي

ڳالهه اها آهي، ته گروءَ کان سکيا وٺي نام لاءِ شبد سان ميلاپ ڪجي. پر ڪيترا وڏن سڌن جي هٿ ڪرڻ ۽ ٿي قابو وڃڻ، پر اعليٰ کان اعليٰ ڳالهه اها آهي ته نام جي ڌارا جو پچار ڪري، جتان اها اچي رهي آهي، اتي پهچي نام ۾ سمائجي وڃجي.

ڪائيا اندر ٿول ٽلاويءَ آيي دواڻ هارا.

ترمالين لا ته هن انساني وجود اندر ڪل مالڪ پساڻ وٺو آهي ۽ ٻاڪ ٿي ڪارخانو هلائي رهيو آهي.

”امل ڳڻ امل وايار امل واپاري امل ڀنڊار“ (جپ صاحب)

هيءُ سڀئي ٿاڻي نام جي داتا جي آهي. انهيءَ ڪري سڀ نام جي ٿاڻي ڪري ڪوليندا آهن. ترمالين لا ته ٻاڪ واهگرو اندر لڪوري رهيو آهي، جيڪو سڙدو آهي سو نه آندر آهي، جيڪو لورڻ وارو آهي سو ٻه اندر آهي. اندر دڪان لڳو پيو آهي ۽ سوڊو وڪامي رهيو آهي.

اهم من رتن جواهر مانڪ نس ڪا مول اڪاراءِ

ترمالين لا ته سڀئي دنيا من جي چئي تي هلي رهي آهي، من جوڙو ڪر دشمن ڪرنهي ۽ من جوڙو ڪر دوست نه ڪرائي. جيڪڏهن من کي هڪ واريءَ نام جو سواد ملي وڃي، مان چوان ٿو ته جيترو هي ٻاهر اجڻ ۾ مدد ٿو ڪري اوترو ئي پيوءَ اندر وڃڻ ۾ مدد ڪندو. پر من هي جني لڳي سڀ ڏکي پوئي رهيا آهن ۽ چوراسيءَ ۾ ڦري رهيا آهن. جڏهن من کي پهچي اصلي گهر ڏاڍين وڃڻ جي خواهش ٿئي ٿي ۽ جڏهن هي نام کي شبد جي (touch) ٿو، انهيءَ ڏيهون ڪان هن جو پيار (ٻاهران پداولڻ مان لڳي) اندر پهچي ٿو وڃي ۽ پوءِ هي بار بار روح کي وڃي ٿو ڪري ته هل، جلد ٿي پهچي گهر ڏاڍين هل!

ٻالي ٻالسگيءَ (ٽاليد ۾)

”ڪه ڪهير من مانيا من مانيا لو هر جانيا“

هي اُپديش ڪنهن واسطي آهي؟ اسان واسطي. جنهن ۾ هيءَ
اُپديش پنهنجي من ۾ گرهڻ ڪيو، اهو ٻاهر ٻوڙڻ کان ڇٽي پيو.
جنهن هن من کي وس ڪيو اهو سڀني کان اوچ آهي.

مول ڪٿي نام پائيئي،
ناهين نام پائيئي گور بيچارا.

سڀني سنساري پدارٿن کان اَمر ڇا آهي؟ سڀ الهيءَ نام جي
آڌار تي ٽڪيا رهيا آهن. اهو نام ذري ذري ۾ ڪٽي ڪٽي ۾
موجود آهي! نام وحده لاشريڪ آهي، ڪل عالم کي جهلي بيٺو
آهي، سڀني جي سنڀال ڪري رهيو آهي. فرمائين ٿا ته اهو
ڪنهن به قيمت سان نٿو ملي. اُن جو ملهه اهو آهي ته پنهنجي
مت ڇڏي ڏيو ۽ گروءَ جي مت تي هلو. پر پنهنجي مت ڇڏڻ
ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. اسين اُٿي ڪنهن جي مت وٺون ٿا
ڪونه. ڪم ڪٿي ڪا سٺي صلاح ڏيندو به آهي ته به ٻاهران ها
ڪنداسين. جي اِن جي مطابق اسان جو ڪم ٿيو ته مڃ ۾ رهنداسين
پر جي نه ٿيو ته ڏاڍو ڪنداسين ته اهو اُن جي مت تي هلڻ
جو نتيجو آهي.

ٻاني پانسنگهه (ڪانڊ ۾):

”ايسا نيچ ڪتي هه من، گور ڪو اُپدا جاني نه مِيت“
(حضور سوامي جي مهاراج)

استائين ته من جو زور ۽ هلندي آهي جو هو گروءَ کي
پنهنجو نٿو ڪري سمجهي. پر اوهين سمجهائيندا رهو، وري
وري سمجهائيندا رهو، نام جي سمرن جي دوا هر گهڙيءَ واسه
۾ وجهندا اچو. جڏهن سرت سمٽجي گوڏن تائين ايندي ته
چوندو اِٿي ڪنهن پيري وڌاڪ وقت ڏيو. اِن بعد سرت ڇيلهه تائين
ايندي پوءِ اکين تائين. ڏاري ڏاري ترقي ٿيندي رهندي. پر
جي من جي ڇٽي ٽي هاي ڪجهه به ته ڪيوسين ته هڪ ڏينهن
اهڙو ايندو جو هن کي زوريءَ کيچجي اندر وٺو پوندو. پر

آن مان ڄاڻندو ڪيئن؟ من ۾ ڀرم ٿي رهيو، ڊبدائي رهي. ڀرم ڊپ ۾ ڇو رهجي؟ جڏهن جيئري ٿي ڪري ڏسجي ته سڀ شڪ ۽ ڀرم لهي وڃن.

گورمک هووي سوگاتيا ڪوجيئ،
هور سڀ ڀرم ڀلاتي.

فرمائين ٿا ته ڪايا ۾ ڀرڀور جي ڳولا ڪرڻ ممڪن ڇو ڪر ناهي! ڪايا کان ٻاهر ڏيان ڏيڻ ٿي سندن مشغولي آهي. جن پنهنجي من چڙي گوروءَ جي من ورلي سي گرمک آهن، جن پنهنجي من ورلي سي منمک آهن. فرمائين ٿا ته هن سرير ۾، سول، ستروک، ڪميا، ڏيرج ۽ شانتي به آهن. جن پنهنجي من ڦري ڪري گوروءَ جي من ورلي سي اندر ويا ۽ پار لي ويا. باقي رهجي ڪير ويا؟ منمک، جيڪي ٻاهر ئي ويندا آهن. اهي سڀ دوکي ۽ ڀرم ۾ رهجي ويا. دنيوي مهنتون جيڪي اسين ڪريون ٿا سي سڀ ڪوڙي اڄ ٻرڪڻ برابر آهن.

ٻاڻي ٻالسنگهه (ٿاڻيد ٻ):

"ڪروتا بيچ بيچيچ لهين جمي، سڀ لاها مول گوالدا."

انسان جي ڪمائيءَ ٻنا سڀ ڪرم ڪوڙي اڄ ٻرڪڻ برابر آهن. ٻائي ڪٽي چڱا ڪرم ۽ ڪجهن ته ۽ چرنڪارو ڪوله ليندو. چڱا ڪرم ڪيا ته چڱو ڦل ملندو، خراب ڪرم ڪيا ته خراب ڦل ملندو. چرنڪاري ٻنا مکتيءَ جي اهائي وات آهي ته ڪيئن نام جي واقفڪار ڪان نام ولي اندر وڃجي ۽ انسان ٻنا شهد سان ميلاپ ڪجي. جڏهن ڪايا جي اندر وڃو، نام پرکهت ليندو ۽ اندر ۾ روشني ڏسڻ ۾ ايندي. اهائي ڳالهه گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا:

"نام جپت ڪوٽ سور اجارا، بنسي ڀرم اندارا."

انسان جيستائين ٻاهر ولو آهي ليستائين اکيان جي دائري ۾ ۽ دائري ۾ آهي ۽ ليستائين دکي رهندو. ڀرم ۽

ڏک، هڪ ئي چيز جا ٽالا آهن.

جس نون دي سوئي جن پاوئي،
هور کيا کو کري چترائي.

هاڻ انتري مهما ڪري فرمائين ٿا ته مالڪ پاڻ وسٽو ڏيکاري
ته ڏيکاري! اها سندس موج آهي. انهن لاءِ من مارگ ۽ پاڻ
ڏاهپ آئس ۽ نام مارگ ۽ پاڻ ڏاهپ آئس. جهڙي طرح ڪنهن
پتليءَ کي خبر هجي ته مان تار سان ٻڌل آهيان ۽ منهنجي اچڻ
وڃڻ ۾ آهي ته اها پتلي هن جي حڪم موجب پئي نچندي
پر جنهن پتليءَ کي ڏني آهي اها اهو پاو ۾ پيئي هوندي ۽
ڏک پيئي ڀوڳيندي. فرمائين ٿا ته هي عقل ۽ چترائيءَ جو ڪم
ناهي. جيڪڏهن ڪير سمجهي ته عقل ۽ چترائيءَ سان آندر
وڃي سگهبو ته اها ڀل آهي، انهن ته ڪي سگهندو.

"سهس سياڻپا لک هوءِ ته اڪ نه چلي نال" (جپ صاحب)

هي من ۽ انديءَ جو مضمون ڪرائي. جيئن ڪا شيءِ ڪنهن
ڪمري اندر پيئي هجي ۽ ان جو دروازو بند هجي ته اهو
دروازو کولي اندر وڃڻ کانسواءِ اها شيءِ هٿ ڪري نه سگهبي
ساڳي ڳالهه هتي آهي. جيڪي دروازو کولي نام سان ملي ويا
انهن کي سڀ ڪجهه حاصل ٿيو. باقي جيڪي ٻاهر ويهي انهن ٿا
چون ته ڪيترا ڀاڳوت ۾ هيئن لکيل آهي، وير شاسترن ۾ هون
لکيل آهي ۽ فلاڻي گرنٿ ۾ هيئن چيل آهي، اهي پنهنجو
پنهنجو مطلب سڌ ڪن ٿا، باقي رهجي ٻاهر ٿي ٿا ۽ ڪنهن
ملي ڪجهه ٿي ڪري ٿو.

ڪائيا اندر ريتم ياو وسئي، گور پرسادي پائي.

هاڻي جيستائين هي من ڪنهنجو ڏٻ نٿو ڪري ليستائين
ڪاميابي نٿي ٿئي يعني ڏٻ ۽ پيار، اهي ٻئي گڏوگڏ هلن ٿا.
جي ڏٻ آهي ته پيار ساڳ آهي، جي ڏٻ ناهي ته پيار ۽ ناهي

جي ادب آهي تہ ڀؤ بہ آهي جي ادب ناهي تہ ڀؤ بہ ناهي. جي ننڍڙي مشڪريءَ ۾ بہ ڏيا تہ دوستي ٽٽي پوندي، پيار ٽٽي پوندو. گھر گرهست ۾ استري ۽ پرش سان اها حالت لاڳو آهي! جي پيار پريم ۾ آهن تہ دوستي بہ هلندي، جي ننڍڙي مشڪري چالو ٿي تہ دوستي خلاص. مھاراج جن فرمائين ٿا تہ جي اندر وچڙ اٿو تہ انهي ڏاڍه جو خيال رکڻ گھرجي تہ ادب سان هلڻ ضروري آهي.

ڀائي پانسکھ (ناليد ۾):

"ڀؤ ڪرائي، ڀؤ ڀرم گرو، ڀؤ پارس، ڀؤ سار،
ڀؤ سب رهي سر آسري، غافل ڪسائي مار."

جيستائين ڀؤ ناهي تيستائين ڀڳتي ڪاٿي؟ ۽ هو جيستائين مڙس جو ڀؤ آهي تيستائين مالڪ جو پيار رهندو. ڪنهن کي مرلدو ڏسي ۽ الهن لو پانڌي تہ جنڪي مرلو آهي سي مري چڪا، باقي اسين ٻاروهي اهڙا جراٽ رهنداسين! جيستائين مرس کي وساري ويٺا آهيون تيسين ڪام ڪروڌ جو زور هلندو ڏيهڪري مالڪ کي حاضر ناظر سمجهو تہ ڪوبہ پاپ نہ ڪري سگهندا. اسين ڏهن سالن جي ٻار جي روبرو ڪوبہ پاپ نہ ٿا ڪريون. الهيءَ مان ظاهر آهي تہ اسانکي مالڪ جو ڏهن سالن جي ٻار جيترو بہ ڀؤ ڪونهي.

ڪائيا اندر برهما وسن مهيسا،
سڀ اوپت جت سنسارا.

فرمائين ٿا تہ هن سرير اندر ٽيون ٽي طاقتون ڪم ڪري رهيون آهن هڪ اها جا سرشٽيءَ کي پيدا ڪرائي، ٻي اها جا پرورش ڪري ٿي ۽ ٽين اها جا ماري ۽ ناس ڪري ٿي. انهن جو نالو برهما، وشنو ۽ مهيش آهي. اهي ٽئي سنسار جو ڪم ڪري رهيا آهن.

سڀئي آپڻا کيل رچائيا، آواگون پاسارا.

هيءَ سڄي رچنا واهگوروءَ جو کيل آهي. هو ڪائنات کي
هڪ کيل بنائي هلائي رهيو آهي يعني پيدا ڪرڻ، هلائڻ ۽ مارڻ
هي سڀ سندس تماشو آهي. برهما، وشنو ۽ مهيش سندس حڪم
هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. باقيءَ ۾ نه انهن لکيل آهي ته هنن
کي پنهنجي پتا جي به خبر ڪانهي.

"اڪا مائي جڳت وياائي تن چيلي پروان،
اڪ سنساري، اڪ ڀنڊاري اڪ لائي ديبان."

(جپ صاحب)

هاڻي هندستان ۾ ماڻهو انهن برهما، وشنو ۽ مهيش (شو) کي
مٿو نمائيندا ٿا رهن. ڪنهن انهنجي ڪهڙي شڪل لاهي آهي
ڪنهن ڪهڙي. جن جي خود مڪتي ٿي ڪانهي سي اسان کي ڇا
ڏئي سگهندا؟

پوريءَ ستگور آپ ڏکائيا، سچ نام نستارا.

اي ڀلي لوڪو! اندر وڃي نام سان ميلاپ ڪريو، سچ سان
ميلاپ ڪريو. باقي جيڪي هي برهما، وشنو ۽ مهيش آهن سي
سڀ مالڪ پنهنجي ڪارخاني هلائڻ لاءِ بنايا آهن.

سا ڪائيا جو ستگور سيويءَ، سچيءَ آپ سواري.

بار بار انهيءَ ڳالهه کي دهرائيندا ٿا اچون ته جن مٿس جنم پائي
ستگوروءَ جو پلئه پڪڙيو سي نام سان ملي ويا، انهن جي ڪايا
يا سرير ڪارائتو ٿيو. جيڪي ٻاهر رهيا، اهي دوکي ۾ اچي ويا.
ستگوروءَ جي شبدا جو مطلب ڪهڙو آهي؟ سندس هدايت تي
عمل ڪرڻ يعني اندر وڃي نام ۾ سمائجڻ. فرمائين ٿا ته اهڙي
ڪايا نرمل ٿيو پوي. چاڪاڻ ته منجهانئس ڪام ڪروڌ وغيره
نڪري وڃن، هوءَ سهاڳڻ ٿيو پوي ۽ جنم مرڻ جي قيد کان
آزاد ٿيو پوي. فرمائين ٿا ته اها ڏات هن کي ڪنهن ڏني؟
مالڪ! جڏهن هي مالڪ جي گهر جو ڏس پتو پڇڻ لڳو، ڪيس
ڪر انهيءَ گهر جو واقفڪار ملي ويو، جنهن کيس نام ڏنو ۽ هو

اڳي پهچي وڃو.

ونڃ ناوءِ دردوئي ناهي، تا جم ڪري خواري.

فرمائين ٿا ته اي انسان! تون پنهنجي مالڪ جي دربار ۾ ڪيئن نه
لئو وڃي سگهين. تون تي هڪ وسٿو آهي جنهن وسيلي سندس
دربار ۾ وڃي سگهين ٿو. جي تون سان ميلاپ نه ڪندا ته ڪال
جي ڦاهي ۾ رهندا يعني ڪال جي چڪر ۾ اچي ويندا.

نانڪ سچ وديا کي پائي،

جس نون هر ڪرپا ڌاري.

فرمائين ٿا ته سچي وڏائي چاهيو ٿا جي پنهنجي گهر واپس
وڃڻ اٿو ته نام سان ملي وڃو. دنيا ڪوڙ آهي، نام سچ آهي.
ووي اهوئي ٿا چون ته سندس ديا ۽ مهر سان اي ڪوڙ سان
لڪري سچ ۾ اچجي ٿو. مالڪ جي موج کان سواءِ نام ڪٿو ملي.
ڪرٿو ٿا آهي؟ اندر وڃي نام سان ملڻ آهي. اندر وڃڻ جي
جڳتي ملي ته مڪتي ٿئي ۽ جنم مرڻ کان ڇٽجي. راڌا سوامي
مت ڪوئي ٿو چوي ته سوارٿ ۽ پرمارٿ ٻئي ڪمايو. پر جيڪو
ساري عمر سوارٿ ۾ رهندو سو آخر ان وقت ڪٿي لاءِ ڪجهه نه
ڪمائي سگهندو. تنهن ڪري فرمائين ٿا ته سوارٿ نه ڪمايو
۽ پرمارٿ نه ڪمايو، جو ساڻ ڪٿي سگهجي ٿو. يعني دنيا جا
ڪم ڪار ڀون ڪندي، نام جي ڪمائي ڪريو.

[illegible] – (V)

ٿا اچن. وڌيڪ فرمائين ٿا:

”جيئڻ دان ڏي انجي لالن هر سيون لهن ملائي.“

هو اسانکي جيئدان ڏيڻ لاءِ ڏيئي واهگرو ءَ سان ملائڻ واسطي اچن ٿا، ۽ اسين هنن کي آرام سان وهڻ به نٿا ڏيون. ڪرائيسٽ يعني حضرت عيسيٰ کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، منصور کي ڦاسي ڏني وئي، گرو نانڪ صاحب کان ٻار ڪٽايا ويا، گرو ارجن صاحب کي تتل لوهي تي وهاريو ويو، گرو تيغ بهادر صاحب جو چانديءَ چوڪ دهليءَ ۾ سر ڪاٽيو ويو، شاهه سرمد جو به سر لاٿو ويو. سو جڏهن هو اچن ٿا تڏهن اسين انهن کي دکي ڪريون ٿا. هاڻ سک پيهجو سوال ڌاريندي پڇي ٿو ته جيڪو توهان منش روپ ڌاريو آهي سو ته ٿوري وقت لاءِ آهي ۽ اسان کي چوراسيءَ جي چڪر مان ڪڍڻ واسطي ئي ڌاريو آهي ۽ جيڪو توهانجو اصلي روپ آهي، اهو ڏيکاريو.

روپ تمهارا اگم اپارا، سوئي اب درساؤ.

جواب ۾ جيڪو توهانجو اڪال پرکـ روپ آهي، خدا روپ آهي، اگم، اپار، سي الک روپ آهي، سو مونکي ڏيکاريو. جيئن مونکي پتو پوي ته توهان جو اصلي روپ ڪهڙو آهي؟ سڪولي ڪتابن ۾ هڪ آکاڻي آهي. روس جو بادشاهه پيٽر هوندو هو، جو روس جي حالت ڪري هالنڊ ملڪ ۾ ويو ۽ انهيءَ ويس ۾ ڪيترو وقت آئي جهازن جو ڪم سکندو رهيو ۽ پورو ڪاريگر ٿيو. اتي رهندي هن جي، انهن روسي نواسين سان جاڻ سڃاڻ ٿي، جن کي بغاوت جي ڏوهه ۾ روس مان ديس نيڪالي ڏني وئي هئي. اتي رهندي انهن جي چال چلت سڌري وئي هئي. بادشاهه ته هن کي سڃاڻي ويو پر هو ڪيس انهيءَ ويس ۾ سڃاڻي نه سگهيا. بادشاهه کانئن پڇيو ته توهين ڪير آهيو؟ ۽ ڪٿان آيا آهيو؟ هنن چيو ته اسين روسي آهيون ۽ روس مان ڪڍيا ويا آهيون. تڏهن چيو ته مان به روسي آهيان. اهڙي طرح

هتي جو ناڻو برابر ٿي ويو. جڏهن بادشاه موٽڻ تي هو تڏهن هتي
کي چيائين ته توهين به روس هلو. منهنجي بادشاه سان دوستي آهي
مان توهانجي سفارش ڪندس، هو توهان کي بخشيندو. هتي اها
ڳالهه مڃي. جڏهن روس جي بندرگاه تي پهتا ته ڏسن ته اڳيان
وڏا وڏا آفيسر بادشاه جي مرحبا لاءِ بيٺا آهن. خوب ٻئنڊون ۽
باجا پيا وڄن ۽ آتشبازي ٿي رهي آهي چاڪاڻ ته سندن بادشاه
ٿي آيو. هتي ڏٺو ته هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي جيڪو اسان سان
گڏ مزوري ڪندو هو. حيران ٿي ويا. ٺيڪ ساڳيءَ طرح سنت
اسان وانگر ٿي هت ڏيئرن ۽ پڻ وارا ٿين ٿا ۽ اسان سان ٻارن
دوستن وانگر هلت ڪن ٿا پر جڏهن اسان جون اکيون کلن
ٿيون تڏهن پتو پوي ٿو ته هو ڪير آهن ۽ ٻيا سنت ڪهڙي
هستي آهن.

ديکون روپ مگن هوئه بيٺون،
ايپه دان دلوائو.

اي ستگورو! جيڪو توهانجو اصل روپ، اڪال پرک ٻا
سنت نام آهي سو مونکي ڏيکاريو، جنهن مان اهو ڏسي جنم
مرڻ کان آزاد ٿي، توهان سان گڏ هليو هلان.

يهه ڀي روپ پيارا موکو،
اِس هي سي اُس کو سمجهائو.

اي ستگورو! جيڪو توهين انساني روپ ڌاري آيا آهيو سو
به مونکي پيارو لڳي ٿو پر چاڪاڻ ته هميشه نه رهندو تنهڪري
اهو روپ ڏيکاريو جيڪو هميشه رهندو. هن ٿي روپ ڌاري
ڏيکاريو ته توهانجو اصل روپ ڪهڙو آهي.

اي ستگورو! اسين انسان آهيون ۽ توهين پڻ انساني روپ
ڌاري آيا آهيو. توهان کان ٿي پتو پيو اٿون ته اسانجو ڪو ٻيو
ڌڻي آهي ۽ اسانجو ڪو مالڪ به آهي ته ڪو ته اسانکي ڪهڙي

ڪير نه ٻڌو، پار ٻڌو ۽ سڀ ڪنهن چيو آهي. جي توهين مالڪ جنم ڌاري نه اچو ها ته اسين جيڪر ڪالهه کٽا، ٻڏا ويندا رهون ها. هي جيڪو توهان انساني روپ ڌاريو آهي تنهن ذريعي اسان جو اڌار ٿيڻو آهي.

تاتي موما ياري اس ڪي،
پرگهه ڀئي لکوائنو.

اي ستگورو! مهنجو گهڻو پيار نه اٿيئه روپ سان آهي جنهن، مون ڪروڙن جنمن جي پاپل کي، راهه ڏيکاري آهي، ٻه اٿيئه روپ مان اهو به پتو پيو اٿم ته توهانجو هڪ ٻيو به روپ آهي جو اجر، امر ۽ اتل آهي. اهو به ڪرپا ڪري مونکي ڏيکاريو.

وهه تو روپ سدا تم ڌارو،
ٻيا تي جيو جگائنو،

اي ستگورو! جيڪو توهانجو اصلي روپ آهي جنهن ۾ توهان هميشه رهو ٿا، اهو ست نام آهي، انامي آهي ۽ خدا آهي، ٻيو جيڪو توهانجو منش روپ آهي اهو اسان جيون کي اپديش ڏيڻ واسطي آهي، سڀ ڪنهن ولي هلڻ واسطي آهي، جيستائين توهين منش روپ نه ڌاريندا تيستائين اسين جيو جاڳندا سين ڪوله ۽ لڪ سڀ ڪنهن پوڄي سگهنداسين. تنهن ڪري جيڪڏهن موما آهي ته توهانجي ڏهه روپ جي آهي جنهنجي وسيلي حقيقت جو پتو پيو آهي.

ٻهه ٻي ٻيد سنا منن تم سي،
سرت شبد مارگ ذت گائو.

! اهو ٻيد ته توهان کان معلوم ٿيو آهي ته توهان هي جنهن ۾ توهين هميشه رهو ٿا ۽ اهو به ۽ شبد جو مارگ ٿيندو آهي، جنهن جي

وسهڻي مان ترهائيءَ اهو روپ ڏسي سگهان ٿو ۽ منهنجي ساجن
ڪري سگهان ٿو ته مولڪي ڪڙاءِ پئو ڪڙاءِ ٿو.

شبد روپ جو روپ نيارا،
وا مهن ٿي اب سرت پلاءُ.

اي ستگرو! مونکي ترهين سمجهه ڏيو ته، منهنجي اندر ڪٿي
منهنجي روح ڪٿي، ڪنهن ۾ ولي هار، ۽ هن مان ترهائيءَ اهڙي
روپ ڏسي سگهان.

درتا رهون موت اور دکه سي،
ترهه ڪر اب موهي جي ڀاڳسو.

اي ستگرو! مون ڪرو ڳالهين ڏکن، ڪرو ڳالهين لوڀ ۽
ڪرو ڳالهين موهه لوڀ ڪرو ڳالهين ڪمهار جڳهون پالهون، ڪاه،
سنڀالون ۽ پسڪ وهمر ڪهڙا مان ڳالهو ڏکي آهيان. مولڪي
الي ولي هار جنهي ته ڏک آهي اسي سڪ، اسي ولي ته خوشي،
ته مونکي ته موت. منهنجي سڀ شالي آهي. ڪرپا ڪري مولڪي اهو
داس ڏي سکارو.

دين ديال جو سڪاري، راڌا سوامي ڪاج پلاءُ.

اي ستگرو! اسهين اسان جهڙن جي اڌار واسطي آيا آهيو،
اسانکي هن جهل مان ڪڍڻ واسطي آيا آهيو، اسان کي وسم ڏيا
ڪرڻ واسطي آيا آهيو. ڪرپا ڪري مولڪي هٿڻهي ڏياس ولي
هار، اصل گهر ڳالهون واسي هار. اڳتي ستگرو جواب ڏي ٿو،
اهو ته اٿو.

ستگروءَ جو اتر

ديکه پياري مهن سمجهاؤن،
روپ سمارا نيارا.

اي سڪ! هي منهن روپ منهنجو سچو روپ نه آهي. هيءُ
منهن جو سرار ترکي سمجهاڻ لاءِ ڌارو آهي. منهنجو روپ الڳ،

جي سک ڪمائي ڪرين ته ستگرو سڀ ڪجهه ڏئي ٿو.
ناانگ پت کي ڪير به ڪونه ڏيندو آهي.

ست پرش ڪا روپ دکائون،
النکهه اگمر در پسارا.

جي توهين محنت ڪري پردو ڪري ليندا ته گرو توهان کي ڏيکاري سگهندو، پر هو النکهه لوڪ، پر هو اگم لوڪ ۽ پر هو انامي ڪان پري انامي لوڪ ۾ وٺي هلندو. فرمائين ٿا ته اسين ته توهان کي وٺي وڃڻ لاءِ تيار آهيون توهين وڃو مڪمل ڪمائي ڪريو جي جيڪو محنت نه ڪري ۽ ناپاس ٿئي ته استاد ڇا ڪري؟ انهيءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟

تاکي آگي راڌا سوامي وهه نج روپ همارا.

اي سک! الکهه ۽ اگم ۽ انامي کان پري جيڪي راڌاسوامي ڌام آهي اهو منهنجو نج روپ آهي. ستگرو آرسي وانگر آهي. جيئن اسين صاف آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل ڏسندا آهيون، جي مشڪندڙ شڪل هوندي ته مشڪندڙ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جي روئندڙ شڪل هوندي ته روئندڙ نظر ايندي. پر جي اها خراب هوندي ته شڪل ڇٽي نه ڏسڻ ۾ ايندي. ساڳي طرح جن جي دل ۾ عيب آهن، اهي گروءَ ۾ عيب ٿا ڏسن. جن جي دل ۾ پيار آهي انهن کي گرو ۾ پيار جي نرمل مورتي نظر ٿي اچي. مطلب ته جهڙي جهڙي انسان جي دل ۾ ڀاونا هوندي انهيءَ گرو نظر ايندو.

ڌيرج ڌرو ڪرو ستسنگ،
مهر ديا سي ليئون سنڀارا.

اي سک! ڌيرج ڪر، ستسنگ ۾ شوق لڳاءِ، من اندرئين کي روڪ، ڪمائي ڪر، اندر وڃ، مان توکي سنڀالي ضرور وٺي هلندس.

وھ تو روپ ڏکا ڪر چوڙون،
تم جلدي ڪيون ڪرو پڪارا.

فرمائين ٿا تہ اي سک! تون ڪرني ڪر، پيار ۽ ڀرپور سان
اندر وڃ. جيئن جيئن تون وڌائي ميدان تي چڙھندا، تيئن
تيئن منھنجي آنامي روپ ڏسڻ لاءِ تنھنجي طاقت وڌندي ويندي.
مان لوڪي تنھنجو روپ ڏيکارڻ ڪانسواءِ ڪونہ ڇڏيندس، نہ رڳو
انترو پر لوڪي تنھنجو ئي روپ بنائي ڇڏيندس.

"سنت ڀارا ايڄ گھٽ ڏولي جس جيو ڪر،
ڪر اُس سمرت ھوئي جر جاري اس ايڄ ڪر."

جنھن جي ھردي ۾ ستگوروءَ پنجن شبدن جو اپديش وڌو
آھي، انھيءَ ڪي ھن ڏاس ۾ (ھميشہ لاءِ) رھڻو ئي ڪونھي،
اھو سچکنڊ ويندو ۽ ضرور ويندو. جيڪي پنجن سمرن ۾ سستي
ڪندا انھن کي جنم ضرور ملندو مگر منش جنم کان ھيٺ نہ.
تنھنڪري اسانکي ڀل نہ وڃڻ گھرجي، بلڪ جلدي جلدي،
ڪرڻي ڪري مٿي چڙھڻ گھرجي.

تنھري چنتا مڻن من ڌاري،
تم اچنت رھو، ڌرو پيارا.

اي سک! مون کي تنھنجي چنتا آھي. جھڙي طرح مسافر
ٽڪيٽ وٺي ٽرين ۾ وھي ٿو تہ پوءِ ڊرائيور ۽ گارڊ جي جوابداري
آھي تہ ان کي سندس منزل مقصود تي پھچائين، ساڳيءَ طرح
جڏھن ستگوروءَ نام جي ٽڪيٽ ڏني ٿو ھن ڇڏيندو ڪونہ،
پھچائيندو ۽ ضرور پھچائيندو. جن جون اندر اون اکيون کليل
ڪونھن انھن کي ڪھڙي خبر تہ ستگورو ڪئن ڪئن ۾ انھنجي سک
جي ڪيئن سنڀال پيو ڪري. ڪين انھين ئي ڪونہ ايندو. پر جن
جون اکيون کليل آھن اھي ڄاڻن ٿا تہ ستگوروءَ جي ڀاوني تمام
ڪئن آھي. جنھن وقت گرو ھرڪشن صاحب جن چولو ڇڏي

رهيا هئا ته هن سکن ۾ ڇو نه هاڻي اسانکي اُپديش ڪير ڏيندو؟
هن جواب ڏنو ته "تيغ بهادر". انهيءَ وقت تيغ بهادر جن هڪ
مٽيءَ جي مڪان ۾ اڪيلي اڪيلي ٻڪالي ۾ رهندا هئا. ڪن ڪنهن
ڏسي، سوڍي خاندان جا ٻاويهه آدمي دڪان ڏيئي گرو ٿيڻ جي
واهي رهيا. انهيءَ زماني ۾ هڪ مکڻشاه نالي سوداگر، مال جو
جهاز ڀري وڃي رهيو هو ته رستي ۾ سندس جهاز لوڏا کائي
ٻڏڻ لڳو. ان وقت انهيءَ ٻاس ٻاسي ته هيڪر جيڪر گرو آهي
سو منهنجي جهاز کي پار ڪري ته مان پنج سؤ مهرون پيٽا رکندس.
هن جو جهاز پار پيو. سوداگري ڪري جڏهن واپس موٽيو ته ٻڌا
ڪندو سڌو ٻابي ٻڪالي آيو. ڏٺائين ته ٻاويهه گرو ويٺا هئا.
سوچڻ لڳو ته مهرون ڪنهنکي ڏيان. آخر هرهڪ گروءَ اڳيان
ٻه ٻه مهرون رکندو ويو ۽ من ۾ چيائين ته جيڪو گروءَ منهنجو جهاز
پار اڪارو آهي اهو پاڻهي گهر ڪندو. پر سڀني مان ڪنهن ڪونه ڪوله
ڪئي. ۽ ٻاٽ آسِس ڏيندا ويا ته خوش رهندا ان. آخر انهن
کان پڇيائين ته هت ٻيو ڪو مهاتما رهندو آهي. هڪ ٻڌايس ته
هڪ ٻيو به رهندو آهي جنهن کي "ٽيغا" "ٽيغا" ڪري ڪوٺيندا
آهن. جڏهن گرو تيغ بهادر وٽ پهتو ته ان اڳيان ٻه ٻه مهرون
رکي متو ٽيڪيائين. تڏهن تي گرو صاحب چيس ته ٻاقي ڪٿي؟
تو ته پنج سؤ مهرون جو اقرار ڪيو هو. ڏي، منهنجا ڪلها ڏس ته
ڪٽرن ڪان جا زخم آهن. انهن جتي پنهنجا ڪلها اگهاڙا ڪري ڪيس
ڏيکاريائين. اهو حال ڏسي مکڻشاه پنج سؤ مهرون سندس اڳيان
رکيون ۽ جڏهن اهڙي رسم پڪڙ لڳو ته مڪان جي چوٽ
تي چڙهي رڙيون ڪيائين "گرو لڌو، گرو لڌو." هڙ ٻاويهه
نسي گرو هليا ويا ۽ جاڪاڻ جو سندن روزگار بند ٿي ويو. ان
بعد ماڻهن جا ٽولا ٽولا سڀ گرو تيغ بهادر جي شرن ۾ اچڻ لڳا ۽
ڪيس عرض ڪيائون ته اُپديش ڏيو. فرمايائون ته "نوڪري ڪري
اڄي ڪري تي سگهي."

سنتن وٽ نام جي دولت آهي ۽ اهو ئي سڀ ڪجهه. اهو سنتن واسطي ٻار ڇا جو؟ نام جا چار لفظ ڏيڻ مشڪل آهن ڇا؟ نه، اهي ته چرخو هلائيندڙ ڇوڪري به ڏئي سگهي ٿي. ڪيترن برهمڻن ٿي جيون جي سنڀال ڪرڻ ۽ جتي رڌاون سڌاون اڳتي وڌڻ کان روڪين ٿيون انهي مدد ڪرڻ! اها آهي نوڪري جنهن لاءِ تيغ بهادر چيو. گرو انترو احسان ڪري ٿو چوي ٿو ته مون هيئن ڪيو. گرو ته ٻاٻانن، ٻهاڙن ۾ به سک سان گڏ آهي ٻر جن جي دل ۾ ميل آهي انهن کي احساس نٿو ٿئي. جيڪي دنيا جا ڪتا آهن انهن کي گرو ڇا ڪري؟ پر انهيءَ جو اهو مطلب نه ڪونهي ته گرو ڇڏي ٿو ڏئي. گرو ڇڏي اصل ڪونه ٿو جڏهن هردي ۾ نرملتا اچي ٿي تڏهن گرو گهرائي ٿو. سو فرمائين ٿا ته لنهنجي چنتا، لنهنجو فڪر مونکي آهي، ٻر تون نه پنهنجو فرض پورو ڪر. ستگرو ره لاءِ پيار پريم وڌاءِ ۽ منجهس وشواس رک.

سنشيہ چوڙ ڪرو درڙهه،
پريتي اور پرتيت سنوارا.

دنيا جون چنتائون ۽ ڪشالا ڇڏي ڏي ڇاڪاڻ ته جڏهن اسين پيدا ٿياسين تڏهن جيڪي پرالبڌ ۾ لکائي آيا آهيون سو ضرور ٿيندو، وچڏي جيترا ون گراهيون ڪاٽيون آهن، جيترا ٻيڪ پاٽيءَ جا پيتا آهن، جيترا سواس ڪڍڻا آهن اهي سڀ مقرر ٿيل آهن. جي انهيءَ حقيقت ۾ وشواس رکنداسين ته جيڪي دک اُ اهي صبر سان سهي وڃبا ۽ دک، سک روپ ٿي پوندا. تنهن ڪري تون سڀ سنسا ڇڏي گرو ره سان پيار ۽ پريم ڪر ۽ سندس چرنن ۾ پر [illegible] پريم ۽ وشواس هوندو تڏهن ڪم [illegible] ن هڪ لڙائيءَ ۾ شامل هئا.

ا [illegible] ۽ مڙس مري ويا. جڏهن

[illegible] ي رهيا هئا [illegible] لڳي

ڏسندو هوس ته ڪم ختم ٿيو پيو آهي. باباجي مهاراج جن (پرم
سنت حضور بابا جئمل سنگهه جي) آيا ۽ ڪم ڪري ويا. جي
لوهين لوچ ڏيو ته ڪم پاڻيهي پيا ٿيندا، روڪجندا ڪونه. انهن
ڪري پڄن ڪرڻو ۽ گوروءَ جي مرج ۾ رهڻو. جڏهن چاهيندو
تڏهن لوهانڪي وٺي هلندو. بس اِترو ڪافي آهي.

ٿي هس (ڏچيءَ جو ڏهڪو) گھڙائجي ٿيڻ سگھ، ڪي پنھنجو پيار
سيني مان ڪڍي فقط سنگوروءَ ڏانهن ڪرڻ جڳائي. پر اها ڳالھ
ڏاڍي اُتم آهي ۽ ڪو ورلي گورمک ڪري ٿو سگھي. گوروءَ
جو پيار وڏي دولت آهي. جيستائين پنھنجو تن، من، ڌن، گوروءَ
جي حوالي نہ ڪبو تيستائين ڪجھہ ڪونہ حاصل ٿيندو. جي سڪ
پنھنجو سڀ ڪجھہ گوروءَ کي اَرپي ڇڏي تہ پرميشور سندس
ساڻ ساڻ پيو ڦرندو.

پول پريم ٻہ سڀ جڳ پڇتا،
اچرج بات نہ ڪاهہ سوايہ.

فرمائين ٿا تہ اها تمام عجيب ڳالھ آهي، اُتم ۾ اُتم ڳالھ آهي،
تمام پياري ڳالھ آهي پر سڄي دنيا پاڳل آهي، سڀ انسان پاڳل
آهن، انهيءَ ڀي اها نعمت ڪي، جيڪا هرڪنهن جي اندر آهي،
ڪير حاصل ڪو ڪري.

ڀاگ هينڻ سڀ جڳ مايا وس،
ڀيھ نرمل گت ڪوئي نہ پايہ.

فرمائين ٿا تہ هي اُتم ڪان اُتم وستو هرڪنهن آدميءَ جي اندر
آهي پر سڄو جهان ڪوڙن ڪرمن ۾ ڦاٿو پيو آهي ۽ مَن، مايا ۽
اندرين جي وس آهي. مالڪ جي طرف اُچيئي ڪونہ ٿو. جهڙي
طرح جنهن کي بخار آهي تنهن کي مصري بہ ڪوڙي لڳندي
آهي جيترٽيڪ مصري ڪوڙي ڪانهي. ساڳي طرح جن جي
انتهڪرڻ ۾ ميل آهي انهن کي هن نرمل گت جو پتو ئي ڪونهي.
مالڪ هيءَ دولت هرڪنهن جي اندر رکي آهي، پر ٻنا ڀاڳ نہ
ٿي ملي.

جن پر ديا آد ڪرتا ڪي،
سو يهہ امرت پيوَن چاهہ.

جڏهن مالڪ جي ڌر درگاه مان حڪم اچي ٿو تڏهن انسان

ڪي پورو گرو ملي ٿو. انهيءَ جهڙو ٻيو ڀاڳ ڪونهي. انهيءَ جهڙي ٻي دولت ڪانهي. اهڙي دولت حاصل ٿئي، ٻيو ڇا ٿورو ڀاڳ آهي؟ اها دولت آهي سڀ جي اندر ليڪن وڏن ڀاڳن وارن کي نصيب ٿئي ٿي.

ڪوان لڳ موها ڪوون اس گت ڪي،
ورلي گورمک چينهت تاهه.

فرمائين ٿا ته اها نام روپي دولت سڀ کان اُتم آهي. سڀ ڪنهن جي اندر آهي پر ورلي ڪو فقير يا ڪامل مهاتما انهيءَ جو فائدو وٺي ٿو ٻيو ڪو ته نه. جهڙي طرح ڪنهن ماڻهوءَ جي گهر ۾ لکن روپيا پوريل هجن پر اهي جي ڪوئي نه ڪڍي، ته غريب ٿي رهجي ويندو. اهڙي حالت عام انسان جي آهي. فرمائين ٿا ته انهيءَ کي ڪو ورلي لهي ٿو.

بن گور چرن اور نهين ڀاوي،
اس آنند ۾ رهي سمايه.

جيڪي هن مٽيءَ جي جسم کي ڇڏي روحاني منزلن تي ويا، گروءَ کي پاڻ ۾ پرگهٽ ڪيائون انهن جو مالڪ سان پورو پيار جو ناتو ٿيو. اهڙا ڪي درلڀ مهاتمائون آهن. انهن جو هر وقت سمهندي جاڳندي، دنيا جو ڪم ڪار ڪندي، ستگروءَ جي چرنن ۾ ڌيان رهي ٿو. اهو آنند، اها لذت، جي هڪ واريءَ ملي وڃي ته دنيا جون سڀ لذتون دور ٿيو وڃن ۽ اهو نام جي آنند جو نشو هميشه چڙهيو رهي ٿو. جيئن گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات“

ڪيترا ماڻهو چوندا آهن ته نام ڪڏي مهل جپيون، ڪم ڪار ۾ وقت ئي ڪونه ٿو ملي. اهو انهن جي من جو بهانو آهي. گروءَ جو ڏنل نام، ڪم ڪندي به جپي سگهجي ٿو.

زالون روئي ليار ڪندي ۽ نام جپي سکهه ٿيون. نام جي ڪري ڪوبه ڪم روڪجي ڪونه ٿو. اسانکي من جي ڀاڃي ڪان ڇڏڻ گهرجي.

درشن ڪرت پنڌ سڌ ٻولي،
ڦر گهر ٻاهر سڌ ڪيا آيم.

فرمائين ٿا تہ جڏهن آتما مٿي وڃي ٿي ۽ اندر گروءَ جو درشن ڪراٽي ٿي تڏهن ٻنهجي سرار جي ڪاٻہ سڌ ڪانہ ٿي رهي. ٻوءِ دنيا جي ڪمن ڪارن جي ڪيئن ياد گهري پوندي.

اڻسي سرت پريم رنگ ڀيني،
تن ڪي گت ڪيا ڪهون سنايم.

جنجو روح اهڙيءَ طرح ٻرام جي رنگ ۾ رڱجو وڃي، انهن جي حالت ڪير سمجهي، ڪير ڄاڻي؟ جڏهن ڪرشن ڀڳوان گوپين کي سمجهائڻ لاءِ اوڌو کي موڪليو تڏهن هو گوپين کي اُپديش ڪرڻ لڳو. گوپين اوڌو کي چيو تہ وڃ، جنهن جو تون گيان اسان کي ٻڌائڻ آيو آهين اسين انجو روپ ٿي ويون آهيون. مطلب تہ اهڙن جو خيال هميشه نام ۾ لڳل رهندو، جيئن گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”اڪ پل ڪن ٻسر تون سوامي، تہ جاڻهہ برس پچاسا“

جوگ بيراگ گيان سڀ روڪي،
پيم رس ان ۾ ديکي نہ تايم.

ٻرام جي اڳيان نہ يوگ ڪجهہ ڪري سگهندو نہ ويراڳ، نہ تياڳ. گروءَ جي چرنن جي ٻرام جو درجو سڀني ساڌنائن کان مٿي آهي. انهيءَ جهڙو آنند ۽ رس ٻيو ڪنهن ۾ بہ ڪونهي.

بڙ ڀاڳي ڪوئي برلا پريمي،
تن پيم نيامت ملي اڌڪايم.

مالڪ اها نعمت هرهڪ جي اندر ۾ رکي آهي پر ڪر وڏن

پاڻ وارو الهيءَ کي پاتي! آهي هر ڪنهن ۾ اندر.

راڌا سوامي ڪهت سنائي،
يهه آرت ڪوئي گورمک گايه.

روحاني ميدان لي مٿي چڙهي مالڪ سان ملڻ، الهيءَ کي
آرتي تا چون. هاڻ سوامي جن فرمائن تا ته الهيءَ منزل تي ڪو
ورلو ڪو ڪامل، عاشق صادق چڙهي! آهي سڀ ڪنهن اندر،
هندو چاهي مسلمان، استري چاهي پرش، پر ڪو پاڻ وارن ان
جو فائدو وٺيو.

سنسنگ جا وچن - (١٠)

نام يا شبد جو نرڻيه (سار وچن - شبد ١، وچن ١٠)

نام نرڻيه ڪرڻ پائي، ڏڌا وڌ ڀيڻ ٻڌائي.

آهي طاقت جيڪا ساري دنيا کي پيدا ڪري ٿي انهيءَ کي سنت، نام يا شبد ٿا ڪوٺين. ويد انهيءَ کي ناد، رشي مني انهيءَ کي **آڪاش واڻي**، ڪرائيسٽ (حضرت عيسيٰ) انهيءَ کي Word ۽ مسلمان فقير انهيءَ کي **ڪلام الاهي**، **بانگ آسماني** يا **اسم اعظم** ٿا ڪوٺين. گورو نانڪ صاحب جن انهيءَ کي **گور باڻي** يا نام ٿا چون. اها ٻولي ناهي. ٻوليءَ کي طاقت ناهي جو مڪتي ڏئي سگهي. ٻولي هر ڪنهن قوم جي جدا جدا آهي. جيڪا طاقت مڪتي ڏئي ٿي سا سڄيءَ دنيا لاءِ (universal) ساڳي آهي. اها طاقت هندن، مسلمانن، يهودين ۽ هر قوم ۽ هر مذهب جي انسان جي اندر آهي. گورو گرنٿ صاحب، ويد، شاستر ۽ ٻين مذهبي ڪتابن ۾ انهيءَ جي مهما ڪيل آهي. پر اها طاقت خود انهن ڪتابن ۾ ڪانهي. اها طاقت توهان جي اندر آهي. هاڻ اها تمام باريڪ ۽ اونهي خيال سان سمجهڻ جهڙي ڳالهه آهي ته مڪتي ڏيڻ وارو نام، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ نٿو اچي پر unwritten law and unspoken language يعني اڻ لکيل قانون ۽ اڻ ٻوليل ٻولي آهي. اسان جا ڪتاب جدا جدا ٻولين ۾ آهن پر اها طاقت، ترڪي، فارسي، هندي، گرمکي وغيره ٻوليءَ ۾ ناهي. انهيءَ کي لکڻ، پڙهڻ ۾ اچي نٿي سگهي. تنهن ڪري توهان کي کوجي ته جيڪو سنت يا مهاتما، اندر منزلن تي واقف هجي، انهيءَ وٽ وڃو. جڏهن هو توهان کي رستو

ڀاڳن وارو اهڙو ڪي ڀائي! آهي هر ڪنهن ۾ اندر.

راڌا سوامي ڪهت سنائي،
ڀيد آرت ڪوئي گورمک گاير.

روحاني منڊلن تي متي چڙهي مالڪ سان ملڻ، اهڙو ڪي آرمن تا چون. هاڻ سوامي جن فرمائن ٿا ته اهڙو منزل تي ڪو ورلو فقير ڪامل، عاشق صادق چڙهي! آهي سڀ ڪنهن اندر، هندو چاهي مسلمان، استري چاهي پرش، پر ڪو ڀاڳن وارن اُن جو فائدو وٺندو.

ستسنگ جا وچن - (١٠)

نام يا شبد جو نرنيہ (سار وچن - شبد ١، وچن ١٠)

نام نرنيہ ڪرون پائي، ڏڍا وڏ ڀيد بتلائي.

اُها طاقت جيڪا ساري دنيا کي پيدا ڪري ٿي انهيءَ کي سنت، نام يا شبد ٿا ڪوٺين. ويد انهيءَ کي ناد، رشي مني انهيءَ کي **آڪاش واڻي**، ڪرائيسٽ (حضرت عيسيٰ) انهيءَ کي Word ۽ مسلمان فقير انهيءَ کي **ڪلام الاهي**، بانگ آسماني يا **اسم اعظم** ٿا ڪوٺين. گورو نانڪ صاحب جن انهيءَ کي **گور باڻي** يا نام ٿا چون. اها بولي ناهي. بوليءَ کي طاقت ناهي جو مڪتي ڏيئي سگهي. بولي هر ڪنهن قوم جي جدا جدا آهي. جيڪا طاقت مڪتي ڏئي ٿي سا سڄيءَ دنيا لاءِ (universal) ساڳي آهي. اها طاقت هندن، مسلمانن، يهودين ۽ هر قوم ۽ هر مذهب جي انسانن جي اندر آهي. گورو گرنٿ صاحب، ويد، شاستر ۽ ٻين مذهبي ڪتابن ۾ انهيءَ جي مهما ڪيل آهي. پر اها طاقت خود انهن ڪتابن ۾ ڪانهي. اها طاقت توهان جي اندر آهي. هاڻ اها تمام باريڪ ۽ اونهي خيال سان سمجهڻ جهڙي ڳالهه آهي ته مڪتي ڏيڻ وارو نام، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ نٿو اچي پر unwritten law and unspoken language يعني اڻ لکيل قانون ۽ اڻ ٻوليل ٻولي آهي. اسان جا ڪتاب جدا جدا ٻولين ۾ آهن پر اها طاقت، ترڪي، فارسي، هندي، گرمکي وغيره ٻوليءَ ۾ ناهي. انهيءَ ڪري لکڻ، پڙهڻ ۾ اچي نٿي سگهي. تنهن ڪري توهان کي گهرجي ته جيڪر سنت يا مهاتما، اندر منزلن تي وڃڻ هجي، انهيءَ وٽ وڃو. جڏهن هو توهان کي رستو

ڏيکاريندو، توهين مٿس شڪتا ڪانهن اندر وڃي سگهندا. سچي
دنيا واسطي مالڪ جي ملڻ جو يا مڪتي حاصل ڪرڻ جو اندر
هڪ ئي قانون آهي، جو اڄ ته، پر جڏهن کان دنيا ٺهي، تڏهن
کان وٺي هلندو آيو آهي. اهو ڪنهن آدميءَ جو ٺاهيل ڪونهي
پر خود مالڪ جو ٺاهيل آهي. اسين انهيءَ ۾ ڪابه تبديلي يا
گهٽ وڌائي ڪانه ڪري سگهون. اسان سڀني کي انهيءَ قانون
انوسار ئي اندر وڃي مالڪ کي ملڻو آهي. جيڪي ڪجهه سوامي
جي مهاراج جن چئي رهيا آهن سائين ٻابا گرو نانڪ صاحب،
ڪبير صاحب، مولانا روم ۽ ٻيا سنت جيڪي مٿي کان مٿي منزل
تي پهتل آهن، اهي چون ٿا. پر جيڪي شريعت، ڏومي پنڊتن
۽ مذهبي دائري ۾ پيل آهن، مان انهن لاءِ ڪجهه ڪو چوان. جيئن
گرو نانڪ صاحب جن جي فلاسافي آهي اسين اجا انهيءَ جي
دروازي تائين به نه ويا آهيون. جيڪي پورن سنت آهن انهن
سڀني جو طريقو هڪ ئي آهي ڇاڪاڻ ته هي Natural Science
آهي ۽ انساني بنايل ڪانهي. جيڪڏهن انهيءَ فلاسافيءَ جو سڀ
جيڪي طرح اڀياس ڪن ته اڄ دنيا جي اندر ڪوبه جهڳڙو نه هجي.
پر جيڪا اندر Negative Power (ڪال شڪتي) آهي اها اڀياس
ڪرڻ نٿي ڏئي. هيٺئين نام جو ترلو ڪٿان آ.
حضور سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته نام ڇا آهي؟ ٻاڻ
اي جواب ڏين ٿا ته نام ان قسم جو آهي.

ورڻ ڏن آتمڪ گائون،
دوئو ڪا پيد درسائون.
ورڻ ڪهه چاهي ڪهه اڪشر،
جو بولا جاير رسنا ڪر.
لکن اور پڙهن پر آيا،
اسي بورن آتمڪ گايا.

نام ٻن قسمن جو آهي ”ورن آتمڪ ۽ ڌن آتمڪ“. جيڪو
لکي سگهجي، پڙهي سگهجي ۽ چئي سگهجي، اهو ورن آتمڪ
آهي. اهو چئن قسمن جو آهي. پرا، پسنتي، مڌما ۽ ويکري.
هڪ اهو جو وات سان چئي سگهجي، جيئن مان چئي رهيو آهيان،
ٻيو جهرڪيون ڪانو ۽ ٻيا جانور ڪن ٿا، ٽيو اسين توهين پاڻ ۾
ڳالهايون ٻولهايون ٿا. ٻيو اهو جو ڳلي اندر آهستي آهستي چئجي
ٿو، ٽيون اهو جو دل ۾ چئبو آهي، جنهن جي نه وات کي خبر
نه ڳلي کي خبر. چوٿون اهو جو يوگي ناڀي (ڌُن) ۾ ڪندا آهن.
پر جيڪو نام ستگرو ڏئي ٿو سو انهن کان پري آهي. دنيا جا
ڪتاب انهيءَ ڌن آتمڪ نام جي ساراه ڪن ٿا پر سچو نام انهن
ڪتابن ۾ نه، بلڪ توهان جي اندر آهي. جڏهن توهين اندر
چڙهندا، ڪام ڪروڌ وغيره ناس ٿي ويندا، اندر پردو کلي
پوندو ۽ روشني پيدا ٿي ويندي ۽ اوهانکي سچي شانتي اچي
ويندي. سڄي ڪائنات ۾ انسان اُتم ۾ اُتم پيدائش آهي. انهيءَ
۾ سڀ مذهب ساڳئي ويچار جا آهن. مسلمان چون ٿا انسان
اشرف المخلوقات آهي، هندو چون ٿا ته نر نارائڻي ديهه آهي.
ڇو جو مالڪ جيڪو راز انسان اندر رکيو آهي اهو ٻئي ڪنهن ۾
ڪونهي. گورو نانڪ صاحب ۽ ٻيا سنت فرمائين ٿا ته جيڪا ۾
قدرت جي رچنا ٻاهر آهي سا انسان جي اندر ۾ آهي. کروڙين
درياهه، پهاڙ وغيره ۾ اندر آهن. اهائي ڳالهه مولانا روم صاحب
فرمائين ٿا:

”اندر آن بحر و بيابان و جبال سڪته مي گردد اوهام وخيال“

جيڪي جيڪي سنت ڌر ٿائين پهتل آهن انهن سڀني جو ويچار
ساڳيو آهي. هي جيڪي جهڳڙا آهن سي سڀ قومن ۽ ڌرمن جي
اڳوانن وڌا آهن. سو فرمائين ٿا ته جيڪو نام لکيو پڙهيو ۽ ڳالهايو
وڃي انهيءَ نام کي ورن آتمڪ چئبو آهي.

لکايک هيءُ يهي ڌن کا،
بنا گور قل نهين ڪن کا.

ڪالي فرمائين ٿا ته ڌن آلمک نام، الکي، پڙهي يا ڇپي نٿو سگهجي پر ورن آلمک نام جي ڌونهي ٿي ڪر سچو سنت يا مهاتما سمجهائي سگهي ٿو، ليڪ سائي طرح، جيئن هڪ آدمي پنهنجي دل جو خيال ٻئي آدميءَ جي دل ۾ زبان رستي ٿي پهچائي ٿو. اهو سچو نام اکين ڪان مٿي چوٿين بعد ملي ٿو. هر انسان کي اکين جي پٺيان پڙ ڪپاٽ يعني مضبوط پردو لڳايل، ٻاهر ڪڍيو ويٺو آهي. ته هي سنت وٽ وڃي ٿو، ته ڪمائي ڪري ٿو، ته سندس پردو کلي ٿو. اندر اچي ٿو، اندر ۾ ٿي هلڻ وڃي ٿو. فرمائين ٿا ته جيڪو ڌن آلمک نام آهي سو هندو، مسلمان، سک، عيسائي ۽ سڀني جي اندر آهي. ٻر هي ٻاهر ٿي ٻاهر ٻيو ڦري جيڪا دولت مالڪ سندس واسطي محفوظ رکي آهي انهيءَ کي هٿ نه ٿو لائي، جهڙي طرح ڪنهن جي گهر ۾ ڪروڙ رپيا پورال هجن پر هو گولي ته ۽ مسڪين ٿي رهجي ٿو وڃي. اهو نام سڀني جي اندر آهي پر انهيءَ جو بعد ڪنهن اندر ۾ ويندو ۽ سنت ڪان ٿي ملي سگهي ٿو، جيئن ڪنهن کي ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿيڻو هجي ته ان کي ڪنهن ڊاڪٽر يا انجنيئر وٽ ئي سکيا وٺڻ لاءِ وڃڻو پوي ٿو. اسان جا ڪتاب، قرآن، بائيبل ويد شاستر وغيره سڀ انهيءَ نام جي تعريف ڪن ٿا پر نام انهن ۾ ڪونهي. سڀ مذهب لفظن کي پڪڙي ويٺا آهن. جهڙي طرح ڪنهن ماڻهوءَ کي بک لڳي هجي ته هو واتي ”روٽي“ ”روٽي“ پڪاري ته بک ڪانه لهندس، ٻر جي روٽي کائيندو ته بک لهندس. ”الله الله“، ”رام رام“ يا ”واهگورو واهگورو“ اهي سڀ لفظ آهن، جيڪو سچو نام آهي اهو لکڻ ۾ نٿو اچي.

ملي گور نام ڌن بيدي،

سرت ڌن ڏئي سنگم پيٺي.

فرمائين ٿا ته جيڪڏهن ڪو سنت يا مهاتما، جو نام جي ڌن جي واقف هجي، روحاني منزلن ٿي ويندو هجي، جيڪڏهن

آدمي انهيءَ وٽ وڃي ته هو ڪيس ڪهڙو اُپدیش ڏيندو؟ چوندس
ته توهانجي اندر نام آهي، توهان اندر وڃ، نام کي پڪڙي انهيءَ
سان ميلاپ ڪر. هو ائين ڪونه چوندو ته توهان مذهب ڇڏ، قوم
بدلاءِ، گهر ٻار ڇڏ، پر ائين چوندو تہ گهر ٻار ۾ رهندي توهان
پنهنجي توجہ کي ڏيان شبد ڏانهن ڏي. بس اِترو ئي ڪم آهي.
جڏهن روح نام سان لڳندو تڏهن شانتي اچي ويندي.
شيخ فريد صاحب فرمائين ٿا:

”فريدا شڪر کنڊ نبات گڙ ماکيون مانجها دڌ،
سڀئي وستو مٺيان رب نہ پڄن تُد.“

کنڊ مٺي آهي، شڪر مٺي آهي، مصري مٺي آهي، گُڙ مٺو
آهي، ماکي مٺي آهي، کير مٺو آهي، پر اي مالڪ! جيڪو
توهانجي نام ۾ مٺاج آهي اهو انهن ۾ ناهي.

ايڪتا نام اور نامي،
کراوين جو ملين سوامي.

جي پورن ستگورو ملي وڃي ته سک کي نام جو ڀيد ڏئي
سندس روح کي اندر شبد يا نام سان ميلاپ ڪرائي ڇڏي.

نام ورن آتمڪ گايا،
نام ڌن آتمڪ پايا.

فرمائين ٿا ته جيڪو ڌن آتمڪ نام آهي اهو لکڻ، پڙهڻ ۽
ڳالهائڻ ۾ نٿو اچي يعني جيڪو نام لکيو، پڙهيو يا ڳالهايو وڃي،
اهو ورڻ آتمڪ آهي. نامي ڌن آتمڪ آهي، نام ورڻ آتمڪ
آهي. جيستائين اسان کي ڪو نامي نہ ملي تيستائين نام جو ڪو به
فائدو ڪونهي. جيئن طرح ”مصري، مصري“ چوڻ سان وات
مٺو نٿو ٿئي پر مصري کائڻ سان وات مٺو ٿئي ٿو، ساڳي طرح
ساري عمر ”رام رام“ ”رحيم رحيم“ يا ٻئي ڪنهن نام جو جاپ
ڪرڻ سان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. دنيا اکين ۾ انڌي بيٺي آهي.

۽ جيڪا ڳالهه "وڏو" آهي اهي ئي ڪم ڪرڻ ۽ حاصل ڪري.

ورڻ سي سرت مانجهو،
ٻور چڙهه گگن ڏن ساڌو.

اسان کي ورڻ آهڪ ۽ ڏن آهڪ، ٻنهي نامن کان ڪم وٺڻو آهي. ورڻ آهڪ جي وسيلي ستسنگ ڪرڻو آهي، سنتن جي صحبت ڪرڻي آهي، جنهنجو نتيجو اهو نڪرندو جو اسان جي اندر مالامال اس لهندي ويندي ۽ جيڪي شڪ شبهه آهن انهن جي ناوي ۽ نتيجاس ڪمي. جڏهن نتيجاس مان پتو پوندو ته سچ ناءِ سڀ ڪجهه اندر آهي، تڏهن ڪامل مرشد يا ستگرو ۽ کي نام جي بخشش لاءِ پرارٿنا ڪنداسين. جڏهن هو نام بخشيندا، تڏهن سندن هدايت موجب سوال صورح جو الي ۽ ٻي ڪلاڪ [illegible] لي وهنداسين. نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ هن ان اکين لساليٽ اسانجو ٻڌن ڳالهي لي ويندو. اهڙي گرو امرداس صاحب جن فرمايون ٿا:

"نو در لاڪي ڏاوس رهائي دسوين لڳ گهر واسا پائي"

نو دروازا بند ڪري متي اچو، اکيان (دسوين دوار ۾) پرميشور جي گهر ڳالهين وجهڻ جي ڪيتي آهي. الي جا لي رهير آهي؟

"الي انتد سبد وڄهه دن رالي گرومتي سبد سنار گهڻا"

انتد شبد، جو ڪندن برهمنڊن جي جالن جي جان آهي سو الي آهي. ساڳي سکيا گرو رامداس جن ڏني ٿا:

"نو دروازي نسوان در گهڪي، وس امرت دسوان چوليجي"

امرت وس جيڪو مکتي ڏيندڙ آهي سو هن ان اکين کان هوت نه آهي. جڏهن ان اکين کان متي وڃبو تڏهن الي آب حيات آهي، امرت آهي. ساڳي ڳالهه جدا جدا سنتن ۽ فقيرن چئي آهي. لرهمي ڪتابن ۾ نتيجاس ڪرڻ، جڏهن لرهان جي ڪرڄ ڪمل نه [illegible] لهطلي اي اڄجو.

ڌني ڌن ايڪ ڪر ڄاڻو،
سرت سي شبد پهچاڻو.

اها جيڪي ڌن وڃي رهي آهي انهيءَ جي پٺيان پٺيان وڃي ڌنيءَ ڏانهن پهچڻو آهي. جڏهن نام پائي ناميءَ ۾ ملي ٿو وڃي، ۽ خود نامي ٿيو وڃي. جهڙي طرح سمنڊ ۾ قطرو ملي سمنڊ ٿيو وڃي. ساڳئي طرح آتما پرماتما ۾ ملي پرماتما ٿيو پوي. جيڪي جيڪي مهاتمائون يا سنت، روحاني منزلن تي پهتل آهن انهن سڀني جو مت ساڳيوئي آهي يعني آتما کي پرماتما سان ملائڻ يا روح جو خدا سان وصال ڪرائڻ.

شبد اور سرت ڀئي ايڪا،
نام ڌن آتمڪ ديکا.

فرمائين ٿا ته جڏهن روح ناميءَ جو پلئه پڪڙي يعني آتما پرماتما جو پلئه پڪڙي تڏهن لساي ٿي وڃي ۽ قطرو سمنڊ ۾ ملي هڪ ٿي وڃي. پوءِ دنيا ۾ اچڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ اهو طريقو دنيا جي سڀني سادنائن کان سولو ۽ سڌو آهي. سڄي دنيا، ٻار يا ٻڍو اهو اڀياس ڪري سگهي ٿو. گورو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب، دادوجي، پلٽوجي، شمش تبريز، خواجه حافظ ۽ ٻيا فقير ۽ سنت اها ساڳي ڳالهه ڪن ٿا. انهيءَ کان بهتر فلاسافي اڃا معلوم نه ٿي آهي.

گورو بن اور بنا ڪرني،
ملي ڪس کو يهه رهني.

جيتوڻيڪ اهو نام سڀ ڪنهن جي اندر آهي، پر جيستائين ڪو راهه ڏيکارڻ وارو سنت يا مهاتما نه ملي، توهين انهيءَ کي اُستاد چئو يا دوست چئو، جيسين اهو نه ملي ۽ سک محنت نه ڪري، تيستائين سچي نام جي پراپتي نه ٿيندي. پر جيڪڏهن ڪير محنت ڪري پوءِ چاهي ڪهڙي به داس جو هجي، ڪهڙي

به مذهب جو هجي، انهيءَ کي نام حاصل ٿيندو. پر محنت ضرور ڪرڻي آهي ته جاڳي اسٽري هجي ڇاهي پرش. گرو اَمرداس صاحب جن ٻارهن سال سيوا ڪئي. ڀائي گيان ڇوراسي سالن جي ڄڻ اوسٽا ۾ پاڻي ڍوئيندا هئا ۽ ڪليءَ سان ٻهاري واري ٻڌي اچڻ ڪندا هئا. گرو نانڪ صاحب جن ٻارهن سال ٻڪريون ٿي سوڙيا. ڇا ڪنهن ڪرڻ هجي؟ هي نرم ۽ پيار جو مضمون آهي، گالهين جو مضمون ڪونهي.

چاهه انراڳ جس هوئي،
ناڳ بڙ گورمک سوئي.

سڀ سنگرو ۽ ڪامل فقير فرمائين ٿا ته جن کي انساني جنم ملي اندر ۾ مالڪ جي ملڻ جو چاهه لڳي ٿو، اهي وڏن ڀاڳن وارا آهن جاڳائڻ ته نام ڪان سچي دنيا ۾ دولت ڪانهي. اها دولت نه شاهه ۾ سڙي، نه پاڻيءَ ۾ ٻڏي ۽ نه ڪا ٿئي ۽ نه چور وغيره کسي سگهن. سو جيڪڏهن ڪنهن نام کي رنجور اچي ٿو ته مالڪ کي رنجور اچي ٿو. اها وڏي ۾ وڏي خوش قسمتي آهي.

نام نامي دوئِڙُ گايا،
ايڪڙي ڀيد سمجهايا.

هيٺئين حضور سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته انسان نام ۽ ناميءَ جو ڀيد ظاهر ڪيو يعني نام ڇا آهي؟ نامي ڇا آهي؟ اَهو اَڪال پرک نامي آهي ۽ جيڪي لفظ آهن، سي نام آهن.

گورو کي موج ۾ سڀ ڪيهه،
جسي چاهين ڪرين گورمک.

انسان کي سچ ڪنهن راهي وچڻ وارو گرو آهي. گرو ۽ جي سگها اها آهي ته محنت ڪري ٻردو ڪوليو ۽ آهستي آهستي ذرو ذرو ٻوڙجي وڃو. پر ڪڏهن ڪڏهن هو معمولي حالتن (exceptional cases) ۾ سنگرو پنهنجي موج ۾ ڪنهن لي خاص مهر

[illegible] الي ڪارڻ
[illegible] دسري
[illegible] الي [illegible] امرلسر
[illegible] آئا [illegible] ڪان آزاد
[illegible] جي [illegible] مروجن
[illegible] ڪرڻ لا
[illegible] آئا آهيان [illegible] خيال اجي
[illegible] لئي
[illegible] آئا [illegible] لئي لـ
[illegible]
[illegible] مسلمان [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] آئا ڪي [illegible]
[illegible] الله [illegible]
[illegible]
[illegible] ولي [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] ولي [illegible]
[illegible]
[illegible] الله ولي
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

لکي ٿب جانہ سن ڏن سي،
ڪڏهن ٿب ٿهن ڪن ٿن سي.

[illegible]

ورنا ڏن پرڀڪ دو ٿو بڻا،
داڻ اور لڪشڻ ان ڪرما.

[illegible]

داڻ ورنا آشرم جانو،
لڪشڻ ڏن ڏنبي پهچانو

[illegible]

ورنا ۽ [illegible] جڳ [illegible] بولا،
[illegible] ڏن [illegible] ڪوئي ٿولا.

[illegible] مالن ٿا ۽ دنيا ۾ بيشمار فرقن، بيشمار مذهب، لڳائن
[illegible] ي رهجي ويا آهن، پر انهن کي ورلي آهن جي ڏن آلڪ
[illegible] ام پڪڙي مالڪ سان مان لڳا ۽ پردو ڪري مالڪ جو درشن
[illegible] ن ٿا.

ورڻ جپ جپ پڇڻ پيڪي،
ملي ڪجهه قل نوين نيڪي.

سب فرمن وارن شاسترن ۽ پنهنجي پنهنجي مذهبي ڪتابن
[illegible] ي جپ ۽ پاٺ ۾ ئي مشغول آهن. ماڻ الهڪي ابو ڪرڻ لڳو
ڪرليان. ڪجهه ڪرڻ ڪان اهي چڱا ۽ سرشت ڪرم آهن پر
انهن سان مڪتي نٿي ملي. مڪتي ڏسڻ وارو نام لرهالوي
اندر آهي.

پيڻ ڏن ڪا نوهن پايا،
نام قل هاڻ نوهن آيا.

جيستائين ڏن هر [illegible] لڳي ۾ ڏن ڪي ٿا پڪڙيو وڃي
ليستائين روح مٺي مران لي ۾ چوڙهي سگهندو ۽ نه رام "ڪالسه"
سان ميلاپ ٿيندو، نه آبد ابندو، ۽ نه ڪام ڪرو ڪهتجندو ۽
نه من [illegible] وس ابندو.

ڪبهن ست سوس اور لاڪا،
ڪلي نوهن بک ان آنڪا.

ڪر سڀ ڏيها [illegible] سر فتري، ڪر هزار ڏيها. ڪي ڪنهن
[illegible] ڪي هزار ۽ ڪي لک. ڪي گرو
باڻي ۾ ها سڀ پاسه ل ڪن، ڪي عمر پوڪه پالهندا رهيا آهن
گرنٿ صاحب [illegible] آهن جي سڀني [illegible] ڏيها جن گرو و گرل
سڌن اندر هر [illegible] ڪيو آهي، پر سڀ ڏيها [illegible] ڪذنا آلم. هڪ اهڙ
صاحب هر [illegible] آهي، انهن گهٽوٽي [illegible] آهن. سوين چيرما
ڪذ ار [illegible] ۽ موج آسه سڀ [illegible] هڪ ٽي سوالن هر جواب ڏ
۽ ٻڪي بيرنن [illegible] سون ڪي اندر ۾ روشني پرگهٽ لي آ
جيالن [illegible]. [illegible]، لهندي

۽ نه هن ڳولا ڪانه ڪئي آهي ۽ هن کي اندر وڃڻ وارو
سنگرور ڪرڻ ماٺ آهي. جيڪڏهن ملي وڃيس ته هو ان جو ڀيد
ڏئيس، هي مقصد ڪري اندر وڃي، پردو کڻي پرنس ۽ مکتي
ٻي وڃيس.

ڪال نسي بت ان چيدي
مفت نر ديهه ان دي دي.

پرماڻن ڪا نه وڏي افسوس جي ڳالهه آهي! چوراسي لک
جونين جو چڪر پورو ڪري هنکي انساني سرير مليو، پر هي
اندر نه ويو. هيءُ جنم مکتي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي پر جي
هيٺئر ناڪامياب ٿيو ته پر ڪوبه جنم مکتيءَ لاءِ نه آلس. اهڙو
قيمتي جنم، جيڪو هميشه دار بعد ملڻو آلس، انهن ائي وڃائي
ڇڏيائون. انسان جي اندر ۽ طاقتون آهن هڪ منفي (Nagative)،
اي مثبت (Positive). جيڪا Negative يعني مخالف طاقت آهي
اها هن کي اندر وڃڻ نٿي ڏئي. جي اندر نه وڃو ۽ پنهنجو ڪجهه
نه ٻڌايائون نه عمر برباد ڪري ڇڏيائون. انسان جي ڏاڍ، نه ماٺ
۽ هيءُ انسان نه ٻڌو.

ديا ڪر ست گوهراوين، ذرا نوين چت پر لاوين،
پانچ ڏن پيڇ ٻڌلاوين، سرت کي راه ڏکلاوين.

جڏهن پرماتما ڏاڍ نه سڀني دنيا ڏانهن ٿي ونئي آهي ان ڏهن
هي سنتن کي موڪليو. انهن کي سمجهه ڇڏڻ ۽ اندر چڙهو ۽ مرشد
ڪامل چئو. اهي مالڪ جا موڪليل آهن. هنن جي اچڻ جو مقصد
انسان کي سنسار سمنڊر مان ڪڍڻ آهي. هو نه ڪنهن مذهب
ناهيندا آهن. نه پراڻي کي ڏاهيندا آهن. پر پرماڻن ڏا ته پنهنجي
اندر مالڪ آهي! اهي لوڪي هين جي ملڻ جي راه ٻڌائيرن ٿا
لوڪ مقصد ڪري پردو ڪول. انهن ته ڪرڻ ٿا جون نه اندر لوڪ
اسرار وچ پر پرماڻن ٿا نه انهن لوسان ٻاهر نه هو وقت ساٿ
اڃون ۽ اندر ته هو ڪڍن منزل ٿي لوسان ڪڏ هو ڪڍاسن. ٿرڪي

وڏين مشڪلاتن مان لنگهائيندا اسون. نون نه قوم ڇڏ، نه ڌرم ڇڏ ۽ نه ٻار ٻچا ڇڏ. جيڪي به سنت ڌر ڌام ڪان آيا آهن يا ڪمائي ڪري ست لوڪ پهتا آهن سي جيتوڻيڪ جدا جدا مذهبن ۽ ملڪن ۾ پيدا ٿيا آهن تڏهن به سندن قانون ساڳيو آهي، سندن اُپديش ساڳيو آهي ۽ انهيءَ جو ڦل به ساڳيو آهي. پر جيڪي شريعت ۽ ڌرمي پابندين ۾ آهن انهن جي اها راهه ڪانهي. جڏهن سنت دنيا ۾ اچن ٿا ته هو ڪاري يا گوري، هندو يا مسلمان کي نٿا ڏسن بلڪ پرڀو کي ڏسن ٿا يا آتما کي ڏسن ٿا. هنن جي سکيا ڪهڙي آهي؟ تنهنجي اندر پنج شبد وڄي رهيا آهن جيڪي سچي شانتي ڏين ٿا، اندر هل ۽ انهن کي ٻڌ. ساڳي ڳالهه گرو نانڪ صاحب جن ۽ ٻيا سنت پڻ چون ٿا. جيئن ڪبير صاحب فرمائين ٿا:

"پنجي سبد اناحد باجي سنگي سارنگ پاڻي،
ڪبير داس تيري آرتي ڪيني نرنڪار نرباني."

وري ٻئي جي فرمائين ٿا:

"پنج سبد نرمائل باجي ڍولڪي ڇنور سنک گهن گاجي."

اهوئي داڻو جي، پلٽو جي، مولانا روم، خواجه حافظ ۽ ٻين جو طريقو آهي. فرمائين ٿا ته اها نام روپي دولت سنتن جي هٿ ۾ آهي ۽ انهن وٽان ئي ملي ٿي. جڏهن انهن وٽ وڃبو، هو فرمائيندا: اي ٻاءُ! تنهنجي اندر ۾ روح آهي، انهد شبد آهي. ٻيو ڪجهه نه ڪر، صرف پنهنجي روح کي انهيءَ سان لڳاءِ. ڪهڙو نه آسان رستو آهي! سنت نه ديس پرديس ڀٽڪائين ٿا، نه ٻرتن ۾ اٽڪائين ٿا، فقط چون ٿا ته اندر وڃ ته پتو لڳندئي.

ڏنون کي نام درساوين،
روپ اسٿان کهه گاوين.

پنج ڏنيون، انهن جو ڀيد ۽ هر هڪ ديس جي روشني ۽ آواز،

ستگرو جو نام ڏاڍو وقت ٻڌائي ٿو. نه فقط ايترو پر ستگرو اندر هر منزل ۾ به ساڻ رهندو.

سرت کا جوگ لکھاوين،
جيو نهين کون ان مانين.

سنت ڄاڻن ٿا ته روح ڪيترن ڪمن (واو) وڪار ۽ مٺا ڪرڙا ۽ ڪوڙ وٽا ڪڙا پاپ ٻڌڪ فرمائين ٿا ته تون فقط پنهنجي سرت کي شبد سان ملاءِ ته آنند اچي ٿي. پر جيون جا ڀاڳ کوٽا آهن! سنت سڀ سمجهائين ٿا، پيو ڪرڏي ڪري ٿا وڃن. اهڙيءَ ڪان وڏڪ جا ڪن؟ هر ڇون ٿا ته آهن ٿون درواڻ کي ڄڏي مٿي اچ پر انسان جي پاپن جي ميل ۽ Negative Power يعني ڪال شڪتي، مٿي چڙهڻ نٿي ڏئي. ڪبير صاحب جن به فرمائن ٿا:

"ڪبير پاپي ڀڳت نه ڀاوئي هر پوڄا نه سهائي،
ماکي چندن پرهري جهه درگند لهه جائي."

يعني جڙڪي پاپي ۽ مايا جا ڇاڙا آهن انهن کي مالڪ جي ڀڳتي نٿي وڻي، اهي سنتن جي سنگت ۾ نٿا وڃن. جهڙي طرح مک، چندن، ڪستوري ۽ مشڪ ۽ ٻين خوشبودار چيزن ڇڏي سڌو ڏسهن گند ڪچري تي ٻين ٻين ايڏي ڪري ۽ خوشبوءِ ڪين ٻري تي لڳي.

سرت لي گگن چڙهاوين،
پند پر سار بتلاوين.

فرمائن ٿا ته محسن ڪري روحاني منزلن تي چڙهه. اسين انسان ساڻ آهيون، ڪنڊ برهمنڊ، پرهم پار برهم، جتي نه وهندا اهي گرو ساڻ هوندو. جي ڌڻ ساڻ نه هجي ته سک هڪ قدم به وڌي نه سگهي.

چڙهي برهمنڊ تب پرکي،
سوس دل مڌيه ڪچهه نرکي.

سنت آنند وشواس ۾ لنا رکن ٿا مرڻ بعد مالڪ ملندو. مالڪ
چون ٿا تہ جيڏي ني مالڪ کي اندر وڃي ڏسو. جڏهن اسين
من ۾ اندرين کي روڪيون، ان اکين جي وچ ۾ ڌيان ڄمائي سمرن
ڪنداسين تڏهن هي سرا سر senseless يعني بي سڌ ٿي ويندو.
پوءِ سورج منڊل، چندرما منڊل لنگهي آڪاش تارا پد اچي ٿو.
جڏهن سهس دل ڪنول ۾ ترا پد کان پار ٿو پهچي تڏهن پورو
پهچن اچي ٿو. سڀني جي اندر امرت ارسي رهيو آهي جڏهن اهو
امرت پهچي ٿو تہ من motionless يعني استر ٿيو وڃي. اهائي
دوا رشين منين ۾ اهن مهاتمائن ۾ سنتن ڪاڍي ۾ جيڪي سنت دنيا
۾ آيا آهن، اهائي دوا ڏيندا آهن. جڏهن من اندر وڃي امرت
پيئي ٿو تڏهن وس ۾ اچيو وڃي. من وس ۾ آيو معنيٰ مالڪ
مليو. جڏهن من اندرين کي ڇاڻي ۾ آڻي امرت پيئي ٿو تڏهن
روح آزاد ٿيو وڃي.

بنڪ چڙهہ ترڪٽي ڌاوي،
سن دس دوار گت پاوي.

جڏهن انسان (نام ولي) اکين کان مٿي سنتن جي بتايل
ڪورس مرجب مشق شروع ڪندو، تڏهن پوران ترا پد ۾
پهچندو. اهيءَ کان پوءِ برهم ۾. (برهم مان سهس دل ڪنول
۾ سڄي سرشٽي پيدا ٿي آهي) اتان لنگهي پار برهم ۾ پهچندو.
اتي اچي هن کي پنهنجي پورڻ شناس ٿئي ٿي ۽ چوائو "I am
the soul" يعني مان آتما آهيان. جيستائين اتي نہ پهتو آهي
تيستائين جهڳڙو ئي جهڳڙو آهي.

مها سن جاءِ هر ڪاني،
ڀنور ۾ جا سلي باني.

پار برهم مان مهاسن ۾ اچجي ٿو ۽ ان بعد ڀنور غفا يعني
سوهنگ دس ۾ اچجي ٿو. مسلمان اهيءَ کي "اناهو" چون ٿا.
اناهو جي معنيٰ آهي "جو آئون آهين سو مان آهيان" ۽ "سوهنگ"

چاڪاڻ تہ هندي ڀاشا ۾ "سوامي" کان وڏو ڪو لفظ ڪونهي
تنهن ڪري سڀني سنتن هن کي "سوامي" "سوامي" ڪوٺيو آهي.
سوامي جي مهاراج جن هن کي "رادا سوامي" يعني روح جو
سوامي ڪوٺيو آهي. هڪ "رادا" اکر گڏڻ سان دنيا ۾ شور
مچي ويو آهي. اهو آخرين مقام آهي جتي پهچي قطرو سمنڊ ۾
ملي سمنڊ ٿيو وڃي. ڀوءِ ڪير اچي، ڪير وڃي؟ اهو حساب
سڀ ڪنهن جي اندر آهي. جيڪڏهن توهين انڪار ٿي وڃو
تہ توهان جو ٻاهرين مٽيءَ جي سرير سان تعلق ڪهڙو؟ جي ٻاهر
جا ڪن ۽ اکيون ڪامل آهن تہ ٻاهر سان تعلق آهي. پنڊ (سرير)
۽ برهمنڊ هڪ ئي آهي. مسلمان انهيءَ کي عالم صغير ۽ عالم ڪبير
ڪوٺين ٿا. اندروني حقيقت جي آري ۾ سڀني جو خيال ساڳيو
آهي پر لفظ جدا جدا ڪم آندا آئن.

ڪهو ڪيا ڪول رادا سوامي،
سنن ديهہ سمجهہ پرماني.

هاڻي جتي روح وڃي ٿو Dissolve يعني جذب ٿئي اهو آخرين
داس آهي. انهيءَ کي گهڻا سنت ۽ فقير "سوامي" "سوامي"
چوندا. اسين انهيءَ کي "رادا سوامي" يعني روح جو سوامي
چئون ٿا. هي سڀ جدا جدا نالا مهاتمائن رکيا آهن پر حقيقت ۾
هو "انامي" آهي يعني سندس ڪو نالو ڪونهي. جيڪي اندر
وڃن ٿا انهن لاءِ نالن جو جهڳڙو ئي ڪونهي چاڪاڻ تہ انهن کي
حقيقت جو پورو پتو پئجي وڃي.

سنسنگ جا وچن - (١١)

ستگورو پڄتي (سار وچن - شبد ٥، وچن ١٨)

ستگور کا نام پکارو، ستگور کو هيئري ڌارو.

هاڻي اڀياس يا ڪمائي ڪرڻ جو طريقو ٿا ٻڌائين. فرمائين ٿا ته جيڪو نام ستگورو توهان کي ڏئي ٿو انهيءَ جو سمرن ڪريو. ڇاڪاڻ ته شبد پنج آهن ۽ انهن ڪري انهن جا نالا به پنج آهن. ستگورو پنجن نامن جو سمرن ڏئي ٿو. جهڙي سنت سچ کنڊ پهتا آهن، پوءِ ڪٿي ڪوڙي ۽ قوم يا مذهب جا آهن، سڀني پنجن نامن جو سمرن ڏيئي ڏنو آهي. مسلمانن انهن شبدن جا نالا عربيءَ ۾ رکيا آهن، هندن سنسڪرت ۾ ۽ ٻين مذهب وارن پنهنجي ٻوليءَ ۾. مطلب اهو آهي ته جي انسان سمرن ڪري نرمل ٿئي ۽ شبد سان ملڻ جي لائق ٿئي. جڏهن اسين پنهن اکين جي وچ ۾ خيال جمائي سمرن ڪنداسين ته اسان جي آتما ڇهن چڪرن کي پار ڪري، سورج، چندرما ۽ تارا منڊل پار ڪري، ستگوروءَ جي نوري سروپ تائين پهچي ويندي. انهيءَ جو نالو آهي ستگوروءَ جي شيوا. اڳتي! ستگور شيوا ٻيو ڏو ڏسڻ ستگوروءَ جي شيوا ته آهي لڪر ڪو روپين پيسن سان ستگوروءَ جي شيوا ٿي سگهي ٿي. ولي، انهيءَ جي ڪمائي ڪري، ستگوروءَ جي اندر پرگهٽ ڪرڻ. نام ڪي چرن ٿا ته ستگوروءَ جو روپ اندر اچڻ پر روي هاڻو تو رجي، اصل ۾ اهو سروپ لڪو اچي ٿو لڪر وڃڻ. پر اساڻو من اچي ۽ وڃي. ستگوروءَ جو سروپ اٽل پيل آهي، اساڻو من پيو ڇڙي ٻري. جهڙي طرح جلدي ڦيل ڪاڏيءَ ۾ پيل رڻ دوڙندا لڳا ايندا آهن پر وڻ ته هڪ ئي هنڌ بيٺا آهن

۽ ريل گاڏي هلي رهي آهي. سو سمرڻ ڪري گوروءَ کي اندر ۾ پرگهٽ ڪريو. گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا:

"نانڪ جن ڪو ستگور مليا تن ڪا ليکا نبڙيا."

جڏهن ستگوروءَ جو سروپ اندر پرگهٽ ٿئي ٿو تڏهن ليکو نبڙي ٿو. وري گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا ته:

"نانڪ آپ ڇوڙ گور ماهين سماوي."

جڏهن ستگورو اندر پرگهٽ ٿئي ٿو تڏهن سمرڻ جو ڪورس پورو ٿيو، هاڻ اڳيان ڌيان جو ڪورس چالو ٿئي ٿو.

گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا:

"گور ڪي مورت من مه ڌيان، گور ڪي سبد منتر من مان."

وري فرمائين ٿا:

"گور پرميسر ايڪو جاڻ جو تس ڀاوي سو پروان."

هن دنيا ۾ چار پيچ، هم وقتي (Contemporary) ڳالهيون تمام ضروري آهن. مثال طور (١) جيڪڏهن ڪو چوي ته منهنجي مقدمي جو فيصلو راجا وڪرماجيت اچي ڪري ته ڇا هو اچي ڪندو؟ هرگز نه، بلڪ وقت جو جج ئي اُن جو فيصلو ڪري سگهندو. (٢) جيڪڏهن ڪو بيمار چوي ته منهنجو علاج ڌنونتر يا لقمان حڪيم اچي ڪري ته ڇا هو ايندو؟ ڪڏهن نه. بلڪ وقت جو حڪيم يا ڊاڪٽر ئي انهيءَ جو علاج ڪندو. (٣) جيڪڏهن ڪا استري چوي ته مونکي رامچندر سان شادي ڪرڻي آهي ته ڇا هو اچي ساڻس شادي ڪندو؟ نه، هرگز نه. بلڪ ڪو وقت جو آدمي ئي اُنجو پتي بڻجندو. (٤) جيڪڏهن ڪو شاگرد چوي ته جيڪو اُستاد سؤ سال اڳ مري چڪو آهي مونکي اُن کان تعليم وٺڻي آهي ته اهو اُستاد ڪونه ايندو پر انهي شاگرد کي وقت جي ڪنهن اُستاد کان علم وٺڻو پوندو. (٥) اهڙي طرح پرماتما جي ڳولائوءَ کي وقت جي سنت مهاتما جي ڳولها ڪرڻي پوندي. پراڻين ڳالهين مان ڪجهه ورتو ڪرنهي پر اسين انهن

مهالمالن جو آسرو ولڻ چاهيون ٿا جن کي گڏ ڪري هزارين ورهيه لڳي ويا آهن. اهي پنهنجي وقت ۾ ڪري ڪيترا نه پورڻ هئا پر هيستر انهن جو آڌار ۽ آسرو وٺڻ سان ڪجهه نه ڪرڻ حاصل ٿيندو.

ستگور کا ڪرو ڀروسا،
ڦر ڪرو نه ڪڇ افسوسا.

جڏهن اسين سمرڻ ڪري هڪ واري ستگوروءَ کي اندر پرگهٽ ڪنداسين ته هوءَ هر وقت اسان سان گڏ پيو ڦرندو ۽ اسان جي هر هڪ سوال جو جواب پيو ڏيندو. هيءَ پدوي تمام اُتم آهي. سمجهه ۾ آيو؟ گرو امرداس صاحب جن فرمايو ٿا:

"جيون جنني سمه جس پالتي، راکي ندر مجهار.
اتر باهر مک دي گراس، کن کن پرچار.
تيون ستگورو گرو سک راکتا، هر پريت پيار."

اندر وچي جڏهن اسين پالڪي ستگوروءَ جي گود ۾ چڙهون ٿا ته پوءِ اسان لاءِ ڪو ڪم نه رهيو. ڇاڪاڻ ته اتي ستگوروءَ جي ذميواري آهي. اساڪي ڏرڌام پهچائڻ سندس جوابداري آهي. جڏهن اسين لڪيمت واري نراڻ ۾ وڃاسين تڏهن اتي واٽ جي وارن جي جوابداري آهي ته اسان کي منزل مقصود تي پهچائين. پر گروءَ جي گود ڏانهن پهچڻ ڪا ٿوري ڳالهه ناهي! هيءَ تمام اوچي پدوي آهي، سو جن ستگوروءَ کي اندر پرگهٽ ڪيو، سمجهو ته انهن جنم مرڻ کان ڇٽا آزاد ڪيو. هاڻي ستگورو ذميوار آهي ۽ اتي سندس ڏيوٽي آهي. هو پالڻهار ولي وٺندو.

ستگور توهه چن چن پوسين،
هنگتا تيري سپ وڏ ڪوسين.

هاڻي، سک جي هر وقت سنڀال ڪرڻ ستگوروءَ جو ڪم آهي نه جيڪو ... اهي نه ٿي، ڪروڌي نه ٿي ۽ نه ٻين ٻين ڪرڻ

۾ وڃي ٿي. ستگرو ڪهڙي بيماريءَ جي دوا آهي؟ اسانجي سنڪلپ وڪلپ جي دور ڪرڻ جي. اسانکي عيبن ۽ پاپن کان ڇڏائڻ جي! هو ستسنگ جي وسيلي اسانجي هرهڪ بيماريءَ جو علاج ڪري ٿو. اسانجي اندر جيڪي شڪ ۽ سنديهه آهن انهنجو ستسنگ ذريعي جواب ملي ٿو. ستسنگ اهو تيرٿ آهي جنهن ۾ اشنان ڪرڻ سان جنمن جنمن جا پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. ستسنگ جي مقابلي ۾ دنيا ۾ ٻيو ڪو تيرٿ ڪونهي. ستگرو نام ڏيئي ڪڏهن به غافل ڪونه رهي. جيڪي ستسنگي لڙائيءَ (جنگ جي ميدان) ۾ مرن ٿا ستگرو انهن جي ٻه پوري سنڀال ڪري ٿو. ستگرو پنهنجو ٻوجهه سکن تي نٿو وجهي پر پنهنجو ٻاڻ ڪمائي کائي ٿو. اهڙو مقبل جو ستگرو ڇا مهانگو آهي؟

تو ڪر ان چرڻن ڌوشين،
ستگور سي مت ڪر روسين.

ستگروءَ جي ڀاڻي ۾ رهڻ سک جو ڌرم آهي. گورو گرنت صاحب ۾ جڳهه جڳهه تي تمام زور سان چيل آهي ته اي سک! ستگروءَ جي ڀاڻي ۾ رهه. جيڪڏهن اسين ستگروءَ جي ڀاڻي ۾ رهون ته ڪوبه دک نه ايندو. جي ڪنهن هليو وڃي ته به ستگروءَ جو ڀاڻو، جي ڌن هليو وڃي ته به سندس ڀاڻو ۽ جي بيماري اچي ته به ستگروءَ جي مرضي. راضي رکي ته به سندس موج.

شيخ سعدي صاحب چون ٿا:

"چو روئي نگر دد خدنگ قضا، سپر نيست مر بنده را جز رضاء."

جڏهن سندس ڀاڻوئي ٺيڪ آهي ۽ مٺڙو ڪونهي پوءِ ڇو نه پيار سان ٻوڙيون؟ جيڪڏهن سندس ڀاڻي تي راضي رهجي ته باقي چنتا ڇا جي؟ ڇاڪاڻ ته جڏهن اسين پيدا ٿيون ٿا تڏهن کان اميري غريبي، بيماري تندرستي، دک سک لکائي آيا آهيون ۽ اهو اسانکي ضرور ملڻو آهي. پوءِ "هاءِ هاءِ" ڇا جي؟ تنهن

ڪري سوامي جن فرمائين ٿا تہ ستگوروءَ ۾ پريم، وڏائي ۽ حسن
سان ڀرپور تہ ڪيترا دنيا ڏٺو ويو آهي تہ جيڪڏهن مشڪي ۾
جيئہ تہ اڻي تہ چئون، چڱو گوروءَ کي، اڄي پنت پيار لڳو، چاڪ
تہ لڳو، ٻلڪ مري ويو تہ چئو چڱو ستگوروءَ کي، پنا پيو ڪر
ڪم ٻوڙو تہ لڳو تہ چئو چڱو ستگوروءَ کي. مک ۽ ستگوروءَ
جو ڀاڳ ۾ ٿالو، پنت ڏکيون کي قدرسيہ ڪرڻ پنا مشڪا ڦتي
ڪرڻ ٻا اهڙن خواهشون پوريون ڪرڻ ڪرڻي. اهو ٿالو ٻلڪل
ٻرالو آهي.

ستگور گت اپ سن موسي،
ڪهي جات نہ رنچڪ مڏون سي.

ستگوروءَ ۽ اسان جي وچ جو ڪو ٿالو آهي اهو تمام اچو آهي.
ستگورو جيڪا اسان کي بخشش ڪري ٿو ان جو بيان زبان سان
ڪو ڪري سگهجي. ستگورو اسان لئي جيڪا دنيا ڪرڻ چاهي ٿو
اڄ وڄان ڪرڻ لاءِ پورا اڪر ٿي ڪرڻون اها وڏي ۽ وڏي اوکي
آهي. ستگورو ڪوڙو ڪر احسان ڪري سو اڳيان هلي فرمائين ٿا.

دسوين ۾ ڪيلهچي نو سي،
ڦر ايڪ ڪري نوهہ دوسي.

لڳن دروازن ۾ اڳيان آهي، دوسيہ آهي. اسين اڳيان ۽ دوسيہ
۾ پيا آهيون. اهو ستگوروءَ جو فرض آهي تہ اسان کي لڳن
دروازن مان ڪڍي، ڏهين گليءَ ۾ وٺي هلي. ستگوروءَ جو
اسان مان ڏهين پتي ڏيڻ جو ٿالو ناهي. اسين ڪروڙين جنمن کان
هن دنيا کي پنهنجو معبود سمجهي ٿاٿي ويٺا آهيون، ۽ ستگورو
الهيءَ دنيا کان جڏائي اسان کي نام سان ملائي ٿو، گويا دوسيہ مان
ڪڍي وحدانيت ۾ آڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اي پيارا! ڏس لڳن
ڪروڙين جنمن کان جن دنيا ۾ ڪوڙو، پتنگ، ڪتو، ٻلو،
ڪڏهہ ليندو آيو آهين، اسين لوڪي نام جي سمرڻ وسيلي، اندر

وڃڻ جو رستو ڏيکاريون ٿا، تون سمرن ڪري هن سرير کي ڇڏي اندر وڃ ۽ سچ سان ميلاپ ڪر. ڇا اهو تورو اُپڪار آهي؟ ستگوروءَ کان سواءِ، هن دنيا ۾ اسان جو ڪوبه دوست يا رشتيدار ڪونهي.

شبد رس توهه پلاوين،
جم پوُرسي ڦير بچاوين.

جڏهن توهين ستگوروءَ جي سکيا موجب سورج، چندرما ۽ تارا منڊل پار ڪندا تڏهن ترٿا پد ۾ ايندا. هاڻي اڳيان ڏرڌام پهچائڻ ستگوروءَ جو ڪم آهي. جڏهن توهين نام روپي جهاز ۾ ويٺا، جنهن جو ملاح يا ڪپتان پورو گورو آهي ته پوءِ توهان کي ڪجهه ڪرڻو ڪونه آهي. ستگورو ذميوار آهي. هو ڇوڙي تو تہ شبد کي پڪڙيو. جڏهن اوهين ڪندا توهان جي Will Power (اڇا شڪتي) تمام مضبوط ٿيندي. جيئن جيئن سک پڃن سمرن ڪري تو تيئن ستگورو هن ڏاهن وڌيڪ ڌيان ڏئي ٿو. سو اسان جو ستگوروءَ سان اهو ناتو آهي. سوال آهي تہ ستگورو وڌيڪ ڇا ٿو ڪري. فرشتا ڇڏو يا جمدوت ڇڏو، اُهي سيني جي موت وقت اچن ٿا. پر جيڪو نَوَ دروازا خالي ڪري ستگوروءَ جي اندرئين سروپ تائين پهتل آهي انجي موت وقت ستگورو پاڻ ايندو ڪيس ۽ ساڻ وٺي ويندو. جيڪڏهن جمدوتن سان ئي وڃڻو پوي تہ پوءِ ستگوروءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ موت جو وقت تمام ڏکيو ٿيندو آهي. انوقت ڪير ساڻ نٿو هلي سگهي پر ستگورو ساڻ هلي ٿو ۽ سيني مصيبتن ۽ ڪشٽن کان بچائي ٿو. سيني جي ڪرتوتن جا چوپڙا ڌرمراءِ جي ڪچهريءَ ۾ پيش ٿين ٿا. پر ستسنگيءَ کي ڌرمراءِ وٽ وڃڻو ئي نٿو پوي. ڇاڪاڻ تہ ستگورو هن جا چوپڙا ساڙي ٿو ڇڏي. اهڙا گهڻيئي واقعا ٿيندا رهيا آهن جن جي دهرائڻ جي ضرورت ڪانهي. سو فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن سک پوري طرح نام جي ڪمائي ڪري تہ ستگورو هنکي جمدوتن جي حوالي

ستسنگ جا وچن - (١٢)

مهما شبد سروپ ستگوروءَ جي

(سار وچن - شبد ٩، وچن ٩)

ڏن سن ڪر من سمجهائي.

جڏهن اسين سڀني ڌرمن، قومن ۽ سڄي دنيا جي ڌرمي ڪتابن کي خيال سان پڙهي ۽ ويچار ڪريون ٿا ته پتو پوندو ته انسان ۽ اڪال پرکس جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو پردو يا رڪاوٽ آهي ته فقط من جي آهي. پردي کي هٽائڻ ته مالڪ سامهون آهي. جڏهن ته ڪو مالڪ سان مليو آهي ته پنهنجي اندر ئي مليو آهي، نه ٻاهر. جڏهن مالڪ انسان کي پيدا ڪيو تڏهن سندس اکين جي پٺيان پردو لڳائي من کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هي سڄي عمر ٻاهر ئي ٻاهر رهيو ۽ ڪالڇ پيٽ، عيش وعشرت ۽ وشيه وڪارن ۾ پنهنجي عمر برباد ڪري ڇڏي. ساري عمر دنيا جي ڏنڌي ۾ وڃائي ڇڏي ۽ پنهنجي من کي قابو ۾ نه رکي جا دولت، مالڪ هن جي اندر رکي آهي ان جو ڪو به فائدو نه ورتو. رشين منين جوڳين پيغمبرن من کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪيترن نمونن جا اُپاءَ ڪيا پر من کي قابو ڪري نه سگهيا. سڀئي وڏا شاستر ڪرڻ پڙهڻ جو مقصد ڇا آهي؟ من کي قابو ڪرڻ ۽ پردو هٽائي مالڪ کي ملڻ. پر اهي وشي مني پيغمبر اُن ڪري به من کي وس نه ڪري سگهيا.

وارث چئي ويندو جو نيڪا ڪار بندا سڀ هو! يعني ته فقط چار ئي ويد پڙهيل هو پر انهن جي معنيٰ ۽ ارٿ نه ڪري سگهيا ۽ من کي وس نه ڪري سگهيو. وشوامتر سٺ هزار

۽ اهڪار نيد ٿيو وڃن.

اهو نام يا ڌن، چاهي ان کي ناد چئو يا آڪاش باڻي چئو يا اسم اعظم چئو. سيني لاء هڪ ۽ ساڳيو آهي. انسان جا ڪتاب (ڌرمي) جدا جدا آهن پر نام جهڙون سان مڪتي ملندي، سڄي جهان لاء هڪ ئي آهي. جڏهن من ڌن جي اندر ۽ ليترا، تڏهن اندر روشني پرڪهڻ لڳي ٿي، پردو کلي ٿو ۽ مالڪ سان وصال ٿئي ٿو. نام سڄي جهان جي ڏوهن جو ڇوٽڪارو آهي. سڀ وند شاستر ۽ ٻيا ڪتاب الهي جي مهما ڪن ٿا. پهنجي اندر وڃڻ لاء پڙهيل يا اڻ پڙهيل هيڪ جو سوال ئي ڪونهي. من کي ڪابو ڪرڻ لاء جيڪڏهن ڪا دوا آهي ته فقط شبد ڌن ئي آهي. سڀ اهاڻي دوا وانددا آيا آهن ۽ الهيء جي مهما ڪندا آيا آهن. هاڻي حضور سوامي جي مهاراج جن الهيء نام جي تعريف ڪن ٿا. فرمائن ٿا ته جيڪي مهاتما، اسلام ۽ ٻين مذهبن جا اشر سڳڪند يعني مقام حق پهتا ۽ جمر مرڻ کان مڪتي حاصل ڪيائون، الهيء دوا سان. مولانا روم، شمس تبريز، خواجه حافظ ۽ ٻيا جيڪي ڪامل فقير ٿيا آهن، سي الهي دوا يعني نام يا ڌن جي مهما ڪن ٿا. اهو نام يا ڌن ذريعي من کي وس ڪرڻ ۽ مالڪ کي ملڻ جو طريقو، انسان جو ٺاهيل نه آهي اهو انشور جو ئي رچيل يا بنايل آهي. سڄڻ کان ولي هلندو اچي ٿو، اڄ جو نه آهي. جڏهن جڏهن دنيا الهي طرفئي کي وسري ٿي وڃي، تڏهن تڏهن اهو مالڪ (سڳڪند مان) ڪنهن مهاتما کي ڪنهن نه ڪنهن مذهب ۾ موڪلي ٿو پوء الهيء مهاتما جهڙن ڪڏهن ٻه، ڪڏهن چار، ڪڏهن ڏهه پيڙهيون هلي آخر گمت ٿيو وڃن. نام سيني لاء هڪ ۽ ساڳيو آهي، اهو Material (مادو) نه آهي. اهو نه سنسڪرت آهي، نه عربي، نه فارسي، نه ترڪي، نه گورمکي نه ڪنهن ٻي ٻوليء ۾ آهي. اهو اکر يا لفظ نه آهي. جي لفظ نه آهي ته ڪنهن ڪتاب ۾ به نه آهي.

ڪيترن ورن جو رائو آهي ته ابياسي ڪنهن اوتار يا ڪنهن مهاتما جي تصوير ۾ پنهنجو ڌيان لڳائي، ڌيان اندر ڪٺي ويندا آهن ۽ اندر ۾ اندر انهيءَ کي اشنان ڪرائيندا آهن، لٺڪ لڳائيندا آهن ۽ مالها پائيندا آهن. اهڙيءَ طرح جنهن تصوير کي تڪيندا آهن ان جو عڪس (Reflection) سندن اندر اچي ويندو آهي. ڪيترا ڪرشن ڀڳوان جي تصوير رکندا آهن ۽ ان جو ڌيان ڪندا آهن. ڪي گورو نانڪ صاحب جن جي تصوير جو ڌيان ڪندا آهن. جڏهن انهن کان پڇبو آهي ته اندر ڪرشن ڀڳوان يا گورو نانڪ صاحب جن جو درشن ٿيندو ٿو؟ هو چوندا آهن، ها، اندر درشن ٿئي ٿو. مان چوندو آهيان ته ڪالهه پڇو ته مهنجو درس ڪهڙو آهي؟ مورتي ڪڏهن ورلي ڳالهائيندا؟ هو پڇي مورتي ڳالهائيندا آهن ته ڪوبه جواب نٿو ملي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته تصوير Lifeless (بي جان) آهي. جيئن ڪنهن بتيءَ ڏانهن ٻه چار منٽ ڏسي، اکيون بند ڪبيون آهن ته اندر ان جو Reflection (عڪس) اچي ويندو آهي يا سورج ڏانهن هڪ منٽ نهاري اکيون بند ڪبيون آهن ته اندر سورج نظر ايندو آهي. ٻئي طرح تصوير جي ڌيان ڪرڻ سان ان تصوير جو Reflection يعني عڪس اندر اچي وڃي ٿو، جو ديکو آهي. جيڪي مهاتمائون گذري ويا آهن سي توهان جي مدد نٿا ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪنهن سڪول ماستر کي گذر ڪئي ڏهه سال ٿي ويا هجن اهو هاڻي اسانجي ٻارن کي اچي پڙهائي سگهندو ڇا؟ جي ڪم چوي ته مان پنهنجي منڊي جو سڪو اڪبر بادشاه کان ڪرائڻ ٿو چاهيان، اهو ٿي سگهندو. ڇا؟ جيڪڏهن ڪا عورت چئي ته مونکي راجا وڪرماجيت سان شادي ڪري اولاد کپندو آهي ته وڪرماجيت اچي اولاد پيدا نه ڪندو. اولاد پيدا ڪرڻ واسطي اڄ جي زندهه هستيءَ جي ـس آهي. جن مهاتمائن کي گذريل هزارين ورهيه ٿي ويا آهن هاڻي نٿا اچي سگهن. مان ته انهن کي چوان ته ...ٿن انهن پنهنجي اندر ويندا تڏهن توهان کي اهي

ڳالهائون جنهن جنهن منزل تي وڃنا آهن، اتي ملندا. لوڪ بي فائدي انهن جي ٽيڪ ونئي وڃنا آهن! جيڪڏهن هيترا ان ورهين کانپوءِ بہ هنن جو مالڪ سان ميلاپ نہ ٿيو ۽ هتي ڪين پڙن وانگر ڦرندو پيو تہ مالڪ جي پڙڻ ڪرڻ جو فائدو ڪهڙو؟

پنڊت پڙهہ پڙهہ ويد بڪاني،
وديا بل سڀ جائي.

وڏا پڙهي پڙهي پنڊت ٿڪجي پيا پر من قابوءِ ۾ نہ آڻي سگهيا. سؤ سؤ پوٿہ گرنٿ صاحب جا گرنٿين پاٺا پر من قابوءُ نہ ڪري سگهيا. ملن ڪان پڇي ڏسو سؤ سؤ دفعا قرآن شريف جي تلاوت ڪيائون پر من وس نہ ڪري سگهيا.

بڌ چتر تا ڪام نہ آوي،
عالم رهي پچتائي.

عالم ۽ فاضل بہ ڪوششون ڪري ٿڪا پر من وس ۾ نہ آڻ. هو من ۽ اندريہ جي زور سان من کي وس ڪرڻ چاهين ٿا پر من ۽ اندريون محدود آهن تنهن ڪري هار کائي ويا. هي مضمون ڪنهن خاص قوم يا مذهب لاءِ ناهي بلڪ سڄي دنيا لاءِ آهي، ڇاڪاڻ من جي وس ڪرڻ جو مضمون آهي.

اور عمل ڪا دخل نهين هيءِ،
عمل شبد لوُ لائي.

من کي وس ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڪارگر دوا ناهي. اگر آهي تہ شبد، آڪاش باڻي يا ناد. جيستائين من هن جو سواد نٿو وٺي تيستائين وس ۾ نٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ من ڪروڙن جنمن کان لذت جو عاشق آهي ۽ نام يا شبد کان بهتر ٻي ڪابہ لذت ڪانهي. جنهن وقت من شبد جي لذت ورتي (انساني جسم ۾ من ۽ روح جي گنڍ بندل آهي) انهيءَ وقت وس ۾ اچيو وڃي ۽ روح آزاد ٿي پنهنجي گهر ڏانهن موٽڻ شروع ڪريٿو. روح کي روڪڻ

وارو من ئي نه آهي؛ من (Material) مادي جو عاشق آهي ۽ اندرين جي وس آهي. اندرين کي عيش عشرت گهرجي. جڏهن من وس ۾ اچي ٿو تڏهن اندريون سهڻيون ٿين ۽ دنيا مان ڪنائي آجو وڃي. ساڳي ڳالهه مهاتما وجيه چند فرمائين ٿا:

”من موسا ٻيڪل ٿيا ٻي پارا هري نار.“

اهي جڏهن من روپي ڪڙي ٽار وڃي پارو پيئو، اندر امرت جي لذت روڃي ٿي. تڏهن ٻيڪل ٿي پيو ٽهڪي ٿي وارو. جيڪي ٻه مهاتمائن اوچ پد تي پهتا آهن اهائي راهه ٿا ٻڌائين ته پهچي اندر ۾ ڪوجهيو. ٻر جي اسين اندر ۾ ڪرجهنداسين ته مالڪ جو تصور ڪرڻو ٻر اساڻجي من جو تصور آهي.

گور ملي جب ڌن کا پيڏي،
شش برهم ڌر آئي.

جڏهن گرو روحاني منڊل تي رهڻ وارو، شبد جي ڪمائي وارو، شبد سروپي شبد ابياسي گرو ملي وڃي ۽ سکه ٻه ٻرو عاشق هجي ۽ گرو ۾ ٿلهه ٻرهه ۽ ادب هجيس، پوءِ ڇا ٿئي ٿو؟ اڳتي فرمائين ٿا:

سرت شبد کي هوئي ڪمائي،
تب من کچ ٺهرائي.

تڏهن اهو سکه پنهنجو ابياس ڪري من ۽ روح کي شبد، نام يا اسم اعظم سان جوڙي اوپر اڳالي ٿو. الهي امرت کي ٻيئي سنڌس من وس اچي وڃي ٿو. اها هڪ ئي دوا سڀني جهان واسطي آهي ۽ سڀ هي اندر آهي. سڀئي وشين ملن ۽ سنتن من کي وس ڪرڻ لاءِ اها دوا ڏني ۽ مسلمان فقيرن به اهائي دوا ڏني. من کي وس ڪرڻ لاءِ اهي ئي ڪا دوا دنيا ۾ آهيئي ڪانه.

حرص حوس سي هاٿ نه آوي،
تن من ديهو چڙهائي.

فرمائين ٿا ته هي پريم، پيار ۽ عشق جو مضمون آهي. حرص ۽ هوس جو مضمون ناهي. وڏيائي ۽ ايذيءَ جو مضمون ناهي، چترائيءَ جو مضمون ناهي بلڪ قربانيءَ جو مضمون آهي. جيڪو سچي پيار ۽ سچي شوق سان (ڪمائي ڪري) اندر ويٺو ان کي وستو پراپت ٿئي ٿي. اسين دنيا کي ڏوکو ڏيئي خوش ڪري سگهون ٿا پر جيڪو مالڪ اندر ويٺو آهي ان کي ڏوکو ڏيڻ ناممڪن آهي. جيستائين هي سڀو ٿي اندر نٿو وڃي تيستائين ڪجهه به حاصل نٿو ڪري سگهي، شمس تبريز صاحب فرمائين ٿا:

"آن پادشاه اعظم در بسته بود محکم،
پوشيده دلق آدم امروز بردر آمد."

ڪل مالڪ انسان جي اندر، اکين جي پنيان سڀ خزانا ۽ پاڻ کي رکي، مضبوط ڪلف لڳائي ڇڏيو آهي ۽ انسان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي. پوءِ پاڻ ئي ستگور يا مرشد بڻجي اهو ڪلف کولڻ واسطي اچي ٿو. اڳتي فرمائين ٿا:

"خاموش پنج نوبت بشنو ز آسماني،
کان آسمان بيرون زان هفت اوشش امد."
"هفتم فلک نوبت پنج باشي،
چون خيمه شش جهت بسرکنده باشي."

اهو مالڪ شبد روپ ۾ تهڄي اندر ۾ آهي. جڏهن توهان ڇهن چڪرن کي پار ڪري ستين آسمان تي چڙهندا، الهي ٻهران بانگ يعني ڌن شروع ٿيندي. سچ کنڊ تائين پنج نوبتون يا پنج شبد مڪمل ٿين ٿا. مولوي روم صاحب فرمائين ٿا ته تهڄي اندر هر وقت ڌنيون وڃي رهيون آهن. پرده کول ۽ اندر وڃ، ڏس ۽ ٻڌ. فقيرن جو اپديش سڄي دنيا لاءِ هڪ ۽ ساڳيو آهي. قدرتي آهي ۽ هرهڪ جي اندر آهي. ڪنهن انسان جو Design (تجويز) ڪيل ناهي پر مالڪ پاڻ Design ڪيو آهي.

بواهو سي اور ڪپٽي جن ڪو،
نيڪ نہ ڏن پتيائي.

هاڻي فرمائين ٿا تہ جن جي اندر حرص ۽ حوس آهي، لالچ آهي ۽ هردم ميل سان پريو پيو آهي انهن لاءِ دروازو ڪڏاهين نہ کلندو. اهو مالڪ اهڙن کي اندر گهڙڻ نٿو ڏئي. همن جي اتهڪرڻ پر دنيا جون خواهشون هونديون آهن جڏهن اهي اندر گهڙندا آهن تڏهن سندس خواهشون کين ٻاهر ڪيڇي آڻينديون آهن. جيستائين شبد لاءِ پورو پيار نہ هوندو، هو قبول نہ ڪندو. اُتي سچو قانون آهي، سچو انصاف آهي ۽ سچو انتظام آهي.

پهر ڏن هي ڏر لوڪ اڏر ڪي،
ڪوئي پڪڙي سنت سپاهي.

فرمائين ٿا تہ اها طاقت (شبد) ڪل عالم جي اندر آهي. چاهي هندو، چاهي مسلمان، سک، عيسائي، يهودي يا ٻيو قوم، سڀ جي اندر آهي. ليڪن انهي حالت هوندي بہ ڪو ورلو سورمو مهاتما انهي ڏن کي پڪڙي ٿو. من ۽ اندرين سان لڙائي ڪري، لس من قربان ڪري اُتي پهچي ٿو. شبد ڏن هر ڪنهن اندر آهي پر ان کي پهچڻ لاءِ ڪافي محنت، سچي شوق ۽ پرام جي ضرورت آهي. جن هڪ واري ان کي پڪڙيو انهن جي ڪيڙي اوستا هوندي آهي سو اڳيان فرمائين ٿا:

من ڪو مار ڪرين اسواري،
گگن ڪوٽ وهم ليئن گورائي.

جڏهن مهاتمائن ڏن جي لذت وٺندا آهن تڏهن من کي قيد ڪري، من تي سواري ڪندا آهن. آتما جيڪا مالڪ جي انش آهي اها جڏهن من کان آزاد ٿيئي تہ سندس رخ مٿي روحاني منزلن ڏانهن ٿي ٿو. سڀ کان پهران سندس دل ڪنول يعني ... الله جي پهچي ٿي، پوءِ پرهم جي ديس پر، جنهن کي هندو

مهاتما نـرڪٽي ۽ مسلمان فقير مقامـ ڪوٺين ٿا. اهڙي طرح اجا
بہ اڳتي وڌنـدي رهيتي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي روح آزاد آهي ۽
جيئن قطرو سمنڊ جو عاشق آهي تيئن روح بہ پنهنجي اصل گهر
(سچ کنڊ) جـو عاشق آهي. الـي هن کي پهچڻو آهي ۽ ضرور
پهچڻو آهي.

ڪـاڻي سن پار ميدانـا،
مـها سن ناڪا پـر مانا.

هاڻي آتما، سن يعني لاهوت استان ۾ پهچي وڃي ٿي جنهن
قلع (سچکنڊ) جي هوءَ عاشق آهي، سن انهي قلع جي ڪاهي آهي.
اڳيان بـرهم جي چوٽـي مهاسن جنهن جو ناڪو پار برهم آهي سو
اچيٿو. مسلمان فقير ان کـي مقام هوُ چون ٿا، اسين مهاسن چئون
ٿا. لفظن جو فرق آهي. هنن جا لفظ عربي آهن، اسانجا سنسڪرت،
راهہ هڪ آهي ۽ منزل بہ هڪ ئي آهي.

پنور گـڦا ڪا ڦاٽڪ توڙا،
شيش محل ستگور دکلائي.

اڳتي پنور غفا يعني سوهنگ يعني انـاهوُ جو ديس اچيٿو.
انهي کان اڳتي ڪل مالڪ جو صدر گاهہ آهي، لخت آهي، ديس
آهي. پنور غفا ان جو ڦاٽڪ آهي. روح انهيءَ سمنڊ (ڪل مالڪ)
جـو قطرو آهـي. جيستائين اسانجو روح الـي نتو پهچي، سچي
مڪتي نٿي ملي. جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو نٿو ٿئي. انهي استان کي
سچ کنڊ يعني مقام حق چئجي ٿو. انهيءَ جو مالڪ جنهن کي اسين
ستنام يا ست پرش چئون ٿا اهو اسانجو ستگور آهي. اُتان ئي
سنت هتي ايندا آهن ۽ ڪروڙن جيون کي ساڻ وٺي ويندا آهن
۽ انت ۾ اُتيئي سمائجي ويندا آهن.

اد پيت ليلا عجب وهان کي،
ڪرن ڪرن سورج درسائي.

هاڻي حضور سوامي جي مهاراج فرمائين ٿا تہ انهي ديس ۽ ان

۽ برهمڻ جو آهي. دنيا ۽ مايا جي مرڪڻ جو ڪونهي. ساري جهان لاءِ هڪ ئي آهي ۽ سڀ کان اوچو آهي. هر ڪنهن جي اندر مالڪ مڪمل سامان رکيو آهي، چاهي ڪهڙي به قوم، مذهب يا ديس جو هجي. مهاتما ڀيکا صاحب فرمائين ٿا:

”ڀيکا ڀوکا ڪوئي نهين سڀ کي گنڙي لعل،
گرهه کول جانت نهين تاتي ڀئي ڪنگال.“

گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:

”سڀ گهٽ ميرا سائيان، سڃي سيج نه ڪوءِ،
بلهاري واگهٽ کي، جا گهٽ پرگهٽ هوءِ.“

جنهن مٺش جسم پاڻي اندر جو دروازو کوليو، وڏائي انهيءَ جي آهي.

يه ايلا ڪڇ عجب ڀيچ کي،
اُلٽ پلٽ ڪوئي گورمک پائي.

اسين مذهبن جي پنيان پئي هڪ ٻئي ۾ لڙي مري رهيا آهيون. اسانجي روح جو رخ اندر جي خزانن ڏانهن ڪونهي. جڏهن پاڻ سان ڪو گورو ملي وڃي ۽ سک اڀياس ڪري متي چڙهي ته هن کي اندر جي ڪيفيت معلوم ٿئي. هي فقيرن جو مضمون آهي، سولي ڳالهه ناهي. جيستائين پنهنجو چاهه هن دنيا مان هٽائي، مالڪ ۾ نٿو لڳائجي تيستائين اهو مالڪ نٿو ملي.

ڪها لگ برنون پيٿ اگاڌا،
جو ڪوئي لاوي سن سماڌا.

هاڻي فرمائين ٿا ته انهيءَ ديس جي ڪيتري مهما ڪجي! جيڪڏهن ڪنهن کي اتي جي ڪيفيت معلوم ڪرڻي هجي ته هو پار برهم جي ديش ۾ چڙهي وڃي. اسانجي روح تي استول، سوکيم ۽ ڪارڻ، اهي ٽي شرير، پنج تت، پنجويهه پرڪتيون، ٽي گڻ، من ۽ ٻڌي، (اهي) پردا چڙهيل آهن. پر جڏهن هيءَ آتما پار برهم

۾ پيچيدي آهي ننڍين اکين سڀ پردا مٿانئس اهي ويندا آهن
پوءِ هنگي پنهنجي اصلي اوستا جو پتو پوندو آهي ؟ چولندي
آهي ته مان آتما آهيان. ان کان اڳ پتو لڳي نٿو سگهي. جهڙي
طرح ڪنهن لئمپ يا بتيءَ تي ڍڪ وجهه ڪپڙي جا ته، وڌيڪ ته،
ان جي روشني ڍڪجي ويندي. ان کي جيئن ڪمري ۾ رکو ته
انڌارو ئي انڌارو رهندو. جيتوڻيڪ ان ۾ اندر روشني آهي پر
ڪپڙي جي تهن ڪري ڍڪجي وئي آهي. اهڙي طرح انسان
کي ۽ پنهنجي هستيءَ جو پتو ناهي ته هو ڪهڙي چيز آهي! هتي
هيءَ سورج طرف نهاري نٿو سگهي پر اندر هنجو پنهنجو پرڪاش
هزارن سورجن جي برابر آهي. هيءَ اشرف المخلوقات آهي. انسان
ڪا معمولي چيز ناهي. مٿس جيڪي پردا آهن انهن جي ڪري
هن کي پنهنجي قيمت جي خبر ڪانهي!

سمجهه بوجهه گونگي گڙ کائي.

دوالين ٿا ته گونگي آدميءَ کي مٺائي کارائي، ان جي لذت
پڇجي ته هو ان لذت جو ڪهڙو بيان ڪندو؟ اهڙي طرح اندر
جيڪي نظارا ڏٺا آهن، اهو ڇا ٻڌائي سگهندو؟ ڇاڪاڻ ته انهن جو
نمونو ٻاهرين دنيا ۾ آهي ئي ڪونه.

سائين ڳالهه پيڪا صاحب چون ٿا:

”پيڪا ٻاٻي اگر ڪي ڪهن سون به ناهين،
جو ڄاڻي سو ڪهي نه، ڪهي سو ڄاڻي ناهين.“

جن لذت نه ورلي آهي، ورلو آهيئي ٿا وڃن.

اکٿ اکهه ڪي بات نرالي،
ڪيونڪر ڪهون بنائي.

هاڻي دوالين ٿا ته هيءَ ڳالهه اکٿ آهي، ٻڌائي نٿي سگهجي.
ناقابل آهي. انهي ٻولي کي ڪاٿي ته بيان ۾ جا اچي. ٻاهرين
...ٻا ۾ انسان انهي کي پنهنجي دل جو خيال پنهنجي ٻوليءَ ۾

ٻڌائيندو آهي ته آئي ٻولي ۾ ڪاڻي. ڪمائيءَ سان اهڙا چيز
ملي ٿي، مفت نه.

راڌا سوامي راز ڇپي ڪو،
پرگهٽ ڪر سرسائي.

فرمائين ٿا ته جيڪو مالڪ جو ڀيد آهي انهيءَ جو ذرو اشارو ڏنو آهي. جيڪي ڪوجهي آهن، سي اندر وڃي ڏسن. اشارو ڪافي آهي زياده چوڻ جي ضرورت ناهي.

سنتن جا وچن - (١٣)

گورو ۽ نام ڀڳتي

(سار وچن- شبد ١٦، وچن ١٩)

گـور ڪيون نـہ سـمهار،
تـيرا نـر تـن بيتا ڀـرم ۾،
دارا سـت ڀـروار،
لڳين سنگ ڪيون ڪوئي.

سڀ دنيا ۾ قومون ٺاهڻ واسطي نه ايندا آهن نڪي مذهب ٺاهڻ واسطي ايندا آهن ٻالڪ جيون کي هن ديس مان ڪڍڻ ايندا آهن. قومون ۽ مذهب نه انهيءَ لهڻا پيا آهن. چوراسي لک جونين جي جيل مان جيڪڏهن ڪو نڪرڻ جو رستو آهي ته منش جنم. جيڪڏهن مڪتي ملڻي آهي ته انهيءَ جنم ۾. سڄي دنيا مالڪ کي وساري ويٺي آهي. ڪنهن کي به پنهنجي ديس جي خبر ناهي. سڀ اسانجي واسطي مل ۽ مؤتر جي ڍهه ڍاري اچن ٿا، لندا ۽ چڙهي پهن ٿا، ڪيترن کي انهن ڳولن جا ڪشٽ ٻساڻ ٿي هموار ڪن ٿا، انهيءَ لاءِ ته اسين پنهنجي ديس واپس پهچون. اسانجو ديس سچ کنڊ آهي جتي نه موت آهي، نه دک، نه تڪليف. تنهن ڪانسواءِ سڀ جڏهن اچن ٿا تڏهن نه رڳو انسان کي هن دنيا جي جيل مان ڪڍن ٿا پر پشن، پکين، جيوتن، درختن وغيره کي به آزاد ڪن ٿا. گورو گرنٿ صاحب جي باڻي چئي ٿي:

"ٻنؤ ٻرنت مگد ڪر ناري، ٻاهن پار اُتاري."
(راڳ بلاول محلا ٥)

جيڪي بہ سنت ٿي ويا آهن انهن جي ٻاڻي پڙهي ڏسو. تلسي داس جن بہ فرمائين ٿا، "جڏهن سنت پيدا ڪن ٿا تڏهن جيڪر ڪيڙو سندن پير هيٺان اچي مري ٿو، ان کي بہ منش جنم ملي ٿو. اهڙي طرح جيڪو بہ جيو جنت ساڻن ٽڪر کائي مري ٿو انهيءَ کي منش جنم ملي ٿو. جي ڪنهن گانءِ يا مينهن جو کير پيتائون تہ ان کي بہ منش جنم ملي ٿو. ڪنهن وڻ جو ڦل کاڌائون تہ انکي بہ منش جنم ملي ٿو. جيڪڏهن ڪيتيءَ جي سبزي کاڌائون تہ ان کي بہ منش جنم ملي ٿو. جنهن جانور تي سواري ڪيائون انکي بہ منش جنم مليو." ڪيڏي وڏي ديا آهي! هونءَ تہ سڀني جوڻين ۾ ايڇ جوڻ درخت جي آهي. جڏهن جيو درخت جي جوڻ جي سزا ڀوڳي چڪن ٿا تڏهن ڪيڙن جي جوڻ ۾ وڃن ٿا. جڏهن ڪيڙن جي جوڻ سزا ڀوڳي پوري ڪن ٿا تڏهن پکين جي جوڻ ۾ اچن ٿا تنهن ڪانپوءِ پشن جي جوڻ ۾. اهڙي طرح جڏهن ايڪ جنم پشن جا ڀوڳي پورا ٿا ڪن تڏهن منش جي جنم جو وارو اچي ٿو.

جيئن مون اڳ عرض ڪيو آهي تہ سنت نہ فقط انسان کي فائدو پهچائين ٿا پر سڀني جوڻين کي فائدو پهچائين ٿا. جن جون آتمائون اندر ويون آهن اهي ٿورو گهڻو سنتن جي گتيءَ کي ڄاڻن ٿا. باقي جيڪي اندر نہ ويا آهن، اهي تہ سنتن کي منش بہ نٿا سمجهن. جي منش سمجهن ها تہ منصور کي سوريءَ تي چاڙهين ها؟ گورو نانڪ صاحب جن کان چڪي پيهائن ها؟ گورو تيغ بهادر جن جو سر وڍائن ها؟ تنهن هوندي بہ سنت ڪجهہ نٿا چون. هنن کي خبر آهي تہ دنيا جا جيو پليل آهن. جهڙي طرح ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر کي جي ننڍا ننڍا ٻار گاريون ڏين تہ هو سزا ڪونہ ڏيندن ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ ٻار نادان آهن. سنت ڪهڙو اُپديش ڏين ٿا؟ هو فرمائين ٿا تہ هي ديس توهان جو ديس ڪونهي، هي ڪال ۽ مايا جو ديس آهي. هي گهور

توهان جو لساهي. توهين پنهنجي گهر ۾ جتي سدا سک آهي.
هتي گهر ۾ سکي ناهي. ڪنهن کي قرض جو ڏک آهي، ڪنهن
کي بيماريءَ ڏکي ڪيو آهي، ڪنهن کي مقدمي ڏکي ڪيو آهي،
ڪنهن کي بدناميءَ جو ڏک آهي. ڪنهن کي غريبيءَ جو ڏک
آهي ته ڪنهن کي پٽ مان ڏک آهي، ڪنهن کي ڪؤڙو،
ڪنهن کي ڪوڙو ڏک لڳو پيو آهي. ان جو اهو مطلب
ڪونهي ته گهر ٻار ڇڏي ڏنو آهي، بلڪ اوهين ٻه رهندي
ڪم ڪاج ڪندي، الله پڌرو ڪونه آهي ۽ مالڪ کي ملڻو آهي.
منش جنم پائي هن جو ڏوهه آهي ته ڪنهن اهڙي سنت مهاتما
وٽ وڃي جيڪو خود روحاني ميدان ۾ وڌيو هجي. جڏهن
اهڙي سنت وٽ ويندو ته اهو چوندس، ”اي بابا تنهنجي الله
نام آهي. پياز مان پنهنجي روح کي ان سان جوڙي ملاءِ.“

تنهن ڪالمواءِ سنت ڪنهن کان به ڪجهه به نه وٺندا آهن انهن
کي حڪم آهي ..... ڪهڙو؟ کيتي ڪريو، دڪانداري ڪريو،
نوڪري ڪريو يا ڪو ٻيو ڪم ڪريو. جيڪڏهن اسان کي
اهڙو سنت جو ٽڪر ملي وڃي ۽ اسين هن مان فائدو نه وٺون
ته ڪيترو نه افسوس آهي! هو فرمائين ٿا، ”ڏس پيارا! پٽ
ڏيٺرون، ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ماما ڀڻيون، ناڻيون ڏوهٽا، سڀ
رشتيدار لڳا آهن! هن پنهنجي مطلب واسطي توسان پيار لڳايو
آهي جڏهن موت اچيتو ڏهن ڪير به ساٿ نه ٿو ڏئي. جنهن شرير
۾ تون ويٺو آهين اهو به ساٿ نٿو ڏئي. جيڪڏهن ساٿ هلڻ وارو
ڪير آهي ته سنگورو! جيڪو هتي به ساٿ آهي ۽ اتي به. ٻيو
تنهنجا رشتيدار، ساٿ هلڻ ته پري رهيو پر تنهنجو رستو روڪي
بيٺا آهن. تنهن ڪري تون انهن سڀني مان پيار ۽ موهه ڪڍي،
گوروءَ کان اپديش وٺي، پنهنجي الله وڃ.“

ڪيون نهين ڪرت بچار
جگ مٿيا يه هيءَ سهي.

من هي ٻڙا موه رهاڪر پيار،
ڇوٽــي ڪيسي جــار سي.

ستت فرمائين ٿا ته اي پرش! تون دنيا ۾ اچي پاٽيهي چـار
وڃائي اُن ۾ ڦاسي ويو آهين. جڏهن هن دنيا جي ڪابه چيز ساڻ
نٿي هلي تـه پيار ڪنهن سان ڪجي؟ ڪنهن شيءِ جو نالو ونشو
جيڪا ساڻ هلندي هجي؟ ڪابه نه. جڏهن شرير ئي ساڻ نٿو هلي
تـه شرير جي سامان جو ڪهڙو سوال آهي! سڀ هي شرير ڇڏي
هليا ويا، اسين بـه خالي ڪري ويندا سين. جڏهن مـوت وقت
جمدوت اچن ٿـا تـه هو چون ٿا تـه خالي ڪر! تون ستنام جي
سمندر جو قطرو آهين پر تو انهي واهگوروءَ جو پيار، انهيءَ مالڪ
جي دوستي ڇڏي من سان دوستي رکي آهي. تنهنجو روح من
جي تابع آهي. تـون چيتن آهين باقي جيڪو سامان آهي سو جـڙ
آهي، مٽيا آهي. اهو زهڻ وارو ناهي. اهو ڪيترا دفعا ٿهي ٿو
ڪيترا دفعا ڍهيٿو. وڃار ڪري ڏس! من به جڙ آهي اندرون
۽ جڙ آهن شرير ۽ جڙ آهي. تون چيتن هوندي بـه جڙ سان محبت
رکي ويٺو آهين! ڪيتري نه بيوقوفي آهي.

اسان ۾ واهگوروءَ جي وچ ۾ اگر ڪو پردو آهي ته من. جيڪڏهن
من کي ماري ڇڏجي، ڪڙو ڪري ڇڏجي ته واهگورو ملي وڃي.
من روح کان ئي طاقت وٺـي ڪيس ئي تباهه ڪري رهيو آهي.
توهان وڻن تي امر بيل چڙهيل ڏٺي هوندي انهيءَ جي پـاڙ نـه
ٿيندي آهي. اها وڻ مـان طاقت ڪڍندي آهي، وڻ تي ڦهلجي
وڻ کي ئي تباهه ڪندي آهي. تو پاڻ ئي من کي پنهنجو مالڪ
ڪيو آهي، پوءِ توکي ڇڏائي ڪير؟ هن دنيا کي نه ڪير پنهنجي
ڪري سگهيو آهي نه ڪري سگهندو. ستت چون ٿا ته تون بيشڪ
اُن ۾ رهه پر چاڪاڻ ته اها سات نـه ڏيندي تنهن ڪري انهيءَ
